# سنڌ

# جون لوڪ آکاڻيون

**(Sind Folk Tales)**


ليکڪ:

ڪنڪيڊ

ترجمو:

خانم خديجه دائودپوٽو



سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ




سنڌ جون لوڪ آکاڻيون

# سنڌ جون لوڪ آکاڻيون

**(Sind Folk Tales)**


ليکڪ:

ڪنڪيڊ

ترجمو:

خانم خديجه دائود پوٽو



سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ

١٩٨٥ع

ڇاپو پهريون ۱۴۰۶هه/۱۹۸۵ع تعداد ۲۰۰۰
پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

[سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم]

قيمت:
اڇو ڪاغذ ۲۵.۰۰ رپيا ۽ سادو ڪاغذ ۲۰.۰۰ رپيا

Sind Joon Loak Akhanayoon: (Sind Folk Tales).
Written by: Kincaid
Translated from English into Sindhi by: Khanum Khadija Daud pota.
Published by: Sindhi Adabi Board Hyderabad Sind, Pakistan
G. P. O. Box No: 12.
First Edition, 1985.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# فهرست


| | |
|---|---|
| ● ناشر طرفان ۾ لفظ | 7 |
| ● مصنف جي باري ۾ احوال | 9 |
| ۰۱ مسئي ۽ پنهون | ۹ |
| ۰۲ عمر ۽ مارئي | ۱۴ |
| ۰۳ مومل ۽ راڻو | ۲۱ |
| ۰۴ راجبالا | ۴۰ |
| ۰۵ دودو ۽ چنيسر | ۵۰ |
| ۰۶ نوري ۽ ڄام تماچي | ٦۳ |
| ۰۷ راءِ ڏياچ ۽ ٻيجل | ٦٦ |
| ۰۸ هير ۽ رانجهو | ۷۵ |
| ۰۹ ٻيرسنگ ۽ سُندر ٻائي | ۸۵ |
| ۰۱۰ ڪامسين ۽ ڪامروپ | ۹۷ |
| ۰۱۱ سيف الملوڪ | ۱۱۷ |
| ۰۱۲ سهڻي ۽ ميهوال | ۱۳۹ |
| ۰۱۳ شهزادو امل ماڻڪ ۽ شهزادي حسيني | ۱۴۷ |
| ۰۱۴ ڪؤرو ۽ چنيسر | ۱٦۳ |

هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس تلڪ چاڙهي حيدرآباد سنڌ ۾ مئنيجر ميان الله بچائي يوسف زئي ڇپيو ۽ مسٽر محمد حسين ترڪ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

## ناشر طرفان ٻه لفظ

مسٽر سي. آء. ڪنڪيڊ برصغير هند و پاڪ ۾ آفيسر جي حيثيت سان ٣٤ سال نوڪري ڪئي هئي. هن پنهنجي فرصت جي وقت سنڌ جون لوڪ آکاڻيون ٻه انگريزي ۾ لکيون هيون.

بيگم خديجه دائود پوٽو صاحبه انهن آکاڻين کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي، اهي آکاڻيون ٻارن لاءِ تمام سٺيون آهن. انهيءَ ڪري سنڌي ادبي بورڊ انهن کي ڇپائڻ جو ڪم هٿ ۾ کنيو ۽ ڪتاب پڙهندڙن جي هٿن ۾ آهي.

ٻار قوم جو عظيم سرمايو آهن. انهن جي سٺي تربيت قوم جي جوابداري آهي. انهي سٺي تربيت لاءِ ٻارن جي دماغي نشو و نما ۽ تفريح نهايت ضروري آهن. سنڌي ادبي بورڊ انهي قومي جوابداري کي محسوس ڪندي هن کان اڳ ٻه ٻارن لاءِ ڪئين ڪتاب شايع ڪيا آهن ۽ ازان سواءِ ماهوار رسالو ”گل ڦل“ ٻه باقاعدي هر مهيني شايع ڪندو رهندو آهي.

اسين بيگم خديجه دائود پوٽه صاحبه جا بيحد شڪرگذار آهيون، جنهن هي آکاڻيون سهڻي سنڌي ۾ ترجمو ڪيون آهن.

| | |
|---|---|
| جامشورو | محمد حسين ترڪ |
| ١١- شوال ١٤٠٥ هه | سيڪريٽري |
| مطابق ٣٠- جون ١٩٨٥ع | سنڌي ادبي بورڊ |

# مصنف جي باري ۾ احوال

سندس ڪتاب "Forty Four Years–A Public Servant" تان ورتل.

سي. آءِ. ڪنڪيڊ، بنيادي طرح آئرلينڊ جي مشهور ڪنڪيڊ گهراڻي سان تعلق رکي ٿو، پر انڊيا سان به سندس رشتو نئون نه آهي. سندس پڙڏاڏو، ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ ۾ آرمي آفيسر هو. جڏهن ته سندس پيءُ به مدراس آرميءَ ۾ آفيسر ٿي ڀرتي ٿيو ۽ ١٨٤٩ع ۾ انگلنڊ کان انڊيا آيو.

ڪجهه وقت لاءِ آئرش ملٽريءَ ۾ ڪئپٽن جي عهدي تي فائز رهيو ۽ وري ٻيهر انڊيا ۾، بائونڊري آفيسر جي حيثيت سان آيو ۽ ١٨٨٧ع ۾ انڊيا ۾ ئي هڪ اعليٰ عهدي تان رٽائر ٿيو ۽ پنهنجي رٽائرمينٽ وقت ڀوپال ۾ ئي مقيم هو.

اهڙيءَ طرح سندس ماءُ جو ڪٽنب به هندستان سان وابسته هو. سندس ماءُ جي چاچي جنرل اليگزنڊر ۽ سندس ٽن ڌين کي بلوي دوران اتي قتل ڪيو ويو، سندس ڌين جا لاش ناناصاحب جي فسادين ڪانپور جي هڪ کوهه ۾ اڇلايا هئا.

سي. آءِ. ڪنڪيڊ پاڻ به هندستان ۾ ڄائو ۽ پهريان ٽي سال اتي ئي نپنو، ان کان پوءِ ڇهه سال ڏاڏيءَ سان Dublin ۾ رهيو، ڇهه مهينا پنهنجن مائٽن سان اٽليءَ ۾ هو، ٻن سالن لاءِ پئرس جي هڪ اسڪول ۾ داخل ٿيو، پنج سال انگلنڊ ۾ رهيو، ٻه سال Crammer ۾، ۽ ٻه سال آڪسفورڊ ۾.

آڪسفورڊ ۾ پڙهائيءَ دوران هو مرهٽي پڻ سکي. ١٨٨٩ع ۾، انڊين سول سروس ۾ پروبيشنر جي حيثيت سان داخل ٿيو، ١٨٩١ع ۾ هندستان آيو، بمبئي ۾ پهچڻ کان پوءِ کيس سنڌ ڪمشنر ڪيمپ لاءِ ڪراچي موڪليو ويو.

هٽ ڪيس لوئر ڊپارٽمينٽل اسٽينڊرڊ جو امتحان پڻ پاس ڪرڻو هو، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو امتحان پڻ شامل هو. ٻه ڀيرا هي سنڌيءَ جي امتحان ۾ ناڪام ٿيو، پر ٽيون ڀيرو مانَ شانَ سان ڪامياب ٿيو، ۽ انهيءَ ڪان پوءِ ٿي ڪيس، ان وقت جي سکر ڪليڪٽوريٽ ۾ ميهڙ ۾ اسسٽنٽ ڪليڪٽر جي خودمختيار پوسٽ ۽ سيڪنڊ ڪلاس سب ڊويزنل مئجسٽريٽ جا اختيارات مليا. ١٩١٨ع ۾ سنڌ ۾ ائڊيشنل جوڊيشنل ڪمشنر پڻ مقرر ٿيو ۽ ٻن ٽن سالن ڪان پوءِ جوڊيشنل ڪمشنر سنڌ جي چارج اچي سنڀاليائين.

گورنمينٽ آف بمبئي ۾ سيڪريٽري جي حيثيت سان پڻ رهيو، ان ڪان سواءِ پونا، ساترا، ڪاٺياواڙ، ناسڪ، بمبئي، ڇربرگ ۽ برن ۾ مختلف وڏن سرڪاري عهدن تي فائز رهيو. ۽ آخر ۾ برن Berne مان ڪائونسليٽ جي عهدي تان ١٩٣٣ع ۾ سرڪاري نوڪريءَ جا چوٽيتاليهه سال پورا ڪري رٽائر ڪيو.

سرڪاري نوڪريءَ دوران مختلف جاين تي رهڻ دوران هن انهن ماڳن جي سماجي ۽ ثقافتي زندگيءَ جو گهرو مشاهدو ۽ مطالعو پڻ ڪيو، ۽ انهن کي ساڳئي وقت قلمبند پڻ ڪيو. سندس ڪجهه ڪتاب هن ريت آهن:

ٽن جلدن ۾ مرهٽن جي تاريخ.

1. History of Marhatha People.
2. Our Parsi Friends.
3. The Hindu Gods, how to recognise them.
4. Shri Krishna of Dwarka.
5. Teachers of India.
6. The Anchorite.
7. The Indian Heroes.
8. Tales from Indian Epics.
9. Deccan Nursery Tales.

10. The Tales of Tulsi Plant.
11. Tales of old Sind.
12. Folk tales of Sind and Gujarat.
13. Forty Four Years A Public Servant. Etc.

هن پنهنجي نوڪريءَ دوران گذاريل زندگيءَ جي باري ۾ سمورو احوال، فارٽي فور ايئرس آءِ پبلڪ سروينٽ ۾ درج ڪيو آهي.

سنڌ ۾ نوڪريءَ دوران هن، هتان جو قديم ورثو "سنڌ جون لوڪ آکاڻيون" پڻ سانڍڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن جو سنڌي ترجمو اوهان جي هٿن ۾ آهي.

مريخ جي ويجهو ٿو ڏسجي، جنهن مان معلوم ٿو ٿئي ته ڌڻي توهان کي نياڻي عطا ڪندو، مگر هن جو لکيو مسلمان سان ٿيندو". اهو حال ٻڌي، پنڊي برهمڻ جي اکين ۾ ڳوڙها ڳڙي آيا ۽ ليلائي نجوميءَ کي چوڻ لڳو ته سنهنجي ڌيءَ جو لکيو ڪيئن به ڪري بدلائي ڏيو. نجوميءَ کي نائونءَ جي ليلائڻ تي قياس ته گهڻوئي آيو، پر هن جي وس ۾ ڪجهه به نه هو، سو وراڻيائين ته: "جيڪي ڌڻيءَ لکيو، سو لکجي ويو". اهي لفظ چئي، هن کي وڃڻ جي اجازت ڏنائين.

وقت گذرندو رهيو، برهمڻ جي زال کي پوري ميعاد تي ٻار ڄائو. ڄمڻ سان دائيءَ کان پڇيائين ته "ڇا ڄائو آهي؟" ڇوته هن کي هروقت اهائي اميد هوندي هئي ته من ڀڳوان جي ديا سان پٽ ڄمي پوي! دائيءَ وراڻي ڏني ته "نياڻي ڄائي آهي". اها خبر ٻڌي برهمڻ جي دل ٻڏڻ لڳي، ڪيس پڪ ٿي ته نجوميءَ جي اڳڪٿي ضرور پوري ٿيندي، سو وڏي ارمان ۽ ڪاوڙ مان چيائين ته: "مان انهيءَ نياڻي ڇوريءَ کي گهر ۾ نه رکندس، پر آڻي ڏيوم ته هئي هن کي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيان يا ڇڏيوم ته هن کي ٻاهر ۾ اڇلي وڃان". مڙس جا اهي لفظ ٻڌي، جوڻس به ساڻس شامل راءِ ٿي ته ڇوڪريءَ مان جند ڪنهن طرح ضرور آزاد ٿئي، مگر هوءَ نياڻيءَ جي مارڻ ۾ رضامند ڪانه هئي. هن جي مرضي هئي ته ٻار کي پيٽيءَ ۾ بند ڪري، سنڌو درياءَ ۾ لوڙهي ڇڏجي ته جيئن لڙهندي ڪنهن جي نظر چڙهي ۽ حياتي بچي پويس، ماءُ جي دل ائين ئي چاهيندي! برهمڻ کي به اها صلاح آئڙي، سو پيٽي وٺي آيو ۽ معصوم ٻارڙي انهيءَ ۾ وجهي، پاسي کان سون ۽ جواهرن جي ٿيلهي به رکي ڇڏيائون. پيٽيءَ کي ڪلف لڳائي بند ڪيائون. ان کان پوءِ پيٽي کڻي نديءَ جي ڪناري تي ويو ۽ وڃي درياءَ ۾ اڇلايائين. اها پيٽي وهڪرن جي ور چڙهي، جن

سسئيءَ جا خيال هاڻي ٻاڻي تان لهي وڃي شهزادي تي ڪَتا، جنهن جي ديدار ڪرڻ لاءِ اندر ۾ آس جاڳيس. دل ۾ دعا گهرڻ لڳي ته، شل خدا منهنجي اها تمنا جلد پوري ڪري ته، مان شهزادي پنهونءَ کي اکين سان ڏسان. ان بعد ٻاڻي کي مخاطب ٿي چيائين، ”سوداگر! تون انهيءَ حسين جوان کي وڃي وٺي اچ، جو منهنجي دل هاڻي هن جي ڏسڻ لاءِ بيقرار آهي.“ ٻاڻيو هن سوچاريءَ ڇوڪريءَ کان موڪلائي اچي گهر پهتو. گهر پهچڻ شرط خطنويس ڏانهن ماڻهو موڪليائين. خطنويس کي ٻن خطن لکڻ جو حڪم ڏنائين، هڪڙي جو مضمون هن ريت هو: ”مون سسئي ڏٺي آهي، جا هڪ ڌوٻيءَ جي ڌيءَ آهي، مگر هن کي خدا ڪمال جو حسن ڏنو آهي. هن جو حسين چهرو چنڊ جي سونهن ۽ سج جي روشنيءَ کي مات ڪيو ڇڏي. اوهان سوداگر جي ويس ۾ جلد هليا اچو ۽ پاڻ سان عطر ۽ عنبير جو ذخيرو آڻجو.“ ٻئي خط جو مضمون وري هن ريت هو: ”جلد منهنجي مدد لاءِ اچو، جو ڀنڀور جي ماڻهن زبردستي مون کي پڪڙي نظربند ڪري رکيو آهي ۽ محصول جي تقاضا ٿا ڪن، سو ڇڏائي ڪري شهزادا پنهون! تون اچ، ڇاڪاڻ ته توکان سواءِ مان ڇٽي نه سگهندس.“ اهي ٻئي خط لکرائي، قاصد کي ڏنائين جو هڪ ٻلي اٺ تي روانو ٿي جلد پنهونءَ جي ڳوٺ پهتو. اتي پهريون خط پنهونءَ کي ڏيئي چيائينس ته، هيو خط تنهنجي پيءُ لاءِ آهي. پنهون، سسئيءَ جي سونهن جي ساراهه پنهنجي خط ۾ پڙهي ته، اکيون تجلا ڏيڻ لڳس ۽ پوءِ ٻيو خط چام آريءَ وٽ کڻي ويو، جنهن خط پڙهايو. جڏهن معلوم ٿيس ته، سندس سوداگر ٻاڻي سان بدسلوڪي ٿي آهي، تڏهن، کيس سخت غصو آيو ۽ پنهونءَ کي گهرائي چيائين ته، ”تون ڀنڀور وڃ ۽ ٻاڻي کي آزاد ڪرائي پاڻ سان وٺي اچ.“

هيءَ ٻہ چويس تہ آءٌ تنھنجي عطر عنبر بدران توکي هيرا موتي ۽ ياقوت ڏيندس ۽ اهو نياپو انهيءَ نيت سان موڪليائين تہ شايد پنھون انهيءَ لالچ تي هرڪجي اچي. پنھون پيڙيءَ مائيءَ سان گڏجي ويو، پر پنھنجو مال ڪين موڪليائين ۽ سوچيائين تہ ڀنڀور ۾ مون کي انهيءَ سامان جي وڪري جي ضرورت پوندي. اها رات وڏي خوشيءَ سان ساهجان سان گذاريائين، جنهن لاءِ هن پرتڪلف ماني تيار ڪرائي، جا هن ڏاڍي اشتياق سان کاڌي. ٻئي ڏينهن باوجود ساهجان جي آزيءَ نيزاريءَ جي، پنھون پنھنجي رفيقن سان روانو ٿي ويو. وري ٻہ ساڳئي پنھنجي ڳائڻ جي آوازن ۽ چڙن جي چونڪارن سان ڪيهر ٻيلا سان روانا ٿيا. ڀنڀور پهچڻ کان اڳ وري وچ تي منزل نہ ڪيائون. جڏهن شهر کي ويجهو پهتا، تڏهن پنھون، ٻانهي کي ماڻهو موڪليو، جنهن هن کي شهر جي ڏکڻ طرف منزل لاءِ جاءِ ڏسي. ان هنڌ تي ٻنهي ڀائرن پنھنجن اٺن تان سامان لهرائي ۽ اتي خيما کوڙي غاليچن کي وڇارائي، سهڻي نموني ديرو دسائي ويٺا. پنھنجو واپاري مال جهڙوڪ مشڪ، عنبر ۽ عطر ڪڍي اهڙيءَ طرح ڏيک ويک لاءِ رکيائون، جڻ تہ هي واقعي ڪي جهونا سوداگر هئا. اها خبر هوا جيان سسئيءَ جي ڪن تائين پهتي تہ هڪ وڏو سوداگر ڀنڀور ۾ آيو آهي. مڃاڻ تہ اهو سوداگر پنھون هو، جنهن کي ٻانهي گهرايو هو. سسئيءَ پنھنجون سڀ جيڏيون سرتيون گهرايون ۽ سڀئي جواهرن سان سينگارجي هڪ ٻئي پٺيان ائين قطار ڪري هليون، جڻ سياري جي سانجهيءَ وقت ڪونجون آسمان ۾ ولر ڪري آڏامنديون هجن. سڀئي ڀاڻ ۾ هم عمر هيون، مگر سونهن ۾ سسئي سڀني کان سرس هئي: هرڻ جهڙيون سندس اکيون، ڏند جهڙا موتين جي قطار، نڪ جهڙي انب جي قار، سندس وار سونن گهنگهرن سان مڙهيل هئا. سندس هلڻ جو

انداز اهڙو هو، جهڙو ڏيل ٻهار جي مُنڊ ۾ صبح جو ٽلندي آهي. هنن ڇوڪرين جي پازيبن ۾ گهنگهرن جي آواز تي پنهونءَ جي دربانن کي ڪڙڪ پئجي وئي، جن پنهونءَ جي اجازت سان تنبن جا در کولي ڇوڪرين کي اندر اچڻ جي اجازت ڏني. خيمن جي اندر پنهونءَ جو سارو مال اسباب ٽڙيو پکڙيو پيو هو. ڇوڪرين جڏهن سامان کي ڏٺو، تڏهن حيرت ۾ پيهي اکهه، ٻولائڻ ۽ قيمتن جي گهٽ ڪرائڻ تي ريڙهه پيڙهه ڪرڻ لڳيون. مگر جڏهن پنهونءَ ۽ سسئيءَ جون اکيون پاڻ ۾ لڙيون، تڏهن ته هنن کي ٻي ڪابه تمنا باقي ڪانه رهي. جڏهن سسئيءَ کان سواءِ ٻيون ڇوڪريون پنهنجي سودي جي اکهه پاڙ پڇڻ کان وانديون ٿيون، تڏهن گهر موٽڻ جي ڪيائون. هاڻي سسئيءَ جي دل ۾ پنهونءَ جي عشق جي آگ پڙڪي چڪي هئي ۽ ساڳئي وقت پنهونءَ جي حالت به سسئيءَ کان گهٽ ڪانه هئي. لاچار سسئي ويچاري تنبن کان نڪري، پنهنجين سهيلين سان آئي هلي. گهر پهچندي ئي ساقيءَ کي سڏائي چيائين ته ”منهنجي اکين ۾ لڙڪ ۽ دل ۾ عشق جي آگ آرام وٺڻ نه ٿي ڏني. مون کي پنهون آڻي ڏيو، نه ته آءٌ مري وينديس.“

ساقيءَ، سسئيءَ کي ريجهائڻ جي ڪوشش ڪئي، مگر اُن کي تيسين آرام نه آيو، جيسين ساقي اهو دلاسو ڏنس ته خاطري ڪر آءٌ سڀاڻي پنهنجي مائٽن سان ملي، پنهونءَ سان تنهنجي شاديءَ جو بندوبست ڪندس. ٻئي ڏينهن ساقي، سسئيءَ جي ماءُ وٽ وئي ۽ چيائينس ته ”سائڻ! هڪ سوداگر ڪنهن ڏوراهين ڏيهه کان ڀنڀور ۾ وارد ٿيو آهي. سونهن ۾ سج ۽ چنڊ کي مات ڪيو ويٺو آهي. منهنجي صلاح آهي ته تون پنهنجي نياڻيءَ جي شاديءَ جي ڪيس آڇ ڪر، ڇو ته هن کان وڌيڪ سهڻو ۽ دولتمند نوجوان توکي ڏيءَ لاءِ مشڪل هٿ اچي.“ ڏوڙ عجب ۾ پئجي ساقيءَ کان سوال

هڪ رات هينئن ٿنهي ڀاڙن ڳڏجي پنهونءَ ۽ سسئيءَ کي سخت نشي واري شئي پياري، ۽ هو جڏهن رات جو اگهور ننڊ ۾ هئا، تڏهن آڌيءَ رات پنهونءَ کي سسئيءَ کان جدا ڪري، بيخبريءَ جي حالت ۾ هڪ اٺ تي سهاري، اٺن کي تيز هڪليندا تکا ڪيچ ڏانهن راهي ٿيا. ٻئي ڏينهن صبح جو جڏهن سسئي ننڊ مان سجاڳ ٿي ۽ پاڻ کي اڪيلو ڏٺائين، تڏهن سندس دل ڏاريندڙ دانهن ڀاڙي وارن کي ڇرڪائي ڇڏيو. پوءِ ته پنهنجي سچي ڪهاڻي انهن کي بيان ڪري ٻڌايائين، ۽ ڪو پهه ڪيائين ته پنهونءَ جي پٺيان پيادي وينديس ۽ جيسين پنهونءَ کي ڳولي هٿ نه ڪنديس، تيسين پاڻ کي لَڪَن ۾ رولي پورو ڪري ڇڏينديس. ساٿيءَ کان سواءِ ٻين سيني کيس سمجهائڻ جي ڪافي ڪوشش ڪئي، مگر ساٿيءَ هن جو صدمو ڏسي، هن کي پنهنجي وچن پوري ڪرڻ جي نصيحت ڪئي.

آخر سسئي پنهونءَ جي اٺن جو پيرو ڪڍندي، جبل جهاڳيندي رواني ٿي. جڏهن رات پئي ۽ پنڌ سببان ٿڪجي بيحال ٿي پئي، تڏهن هڪ ڌڪار جي جهوپڙيءَ وٽ اچي نڪتي. ويجهو پهچي ڌڪار کان پڇيائين ته ”ادا، ڪو قافلو هتان لنگهندو ڏٺئه؟“ ڌڪار جيئن سسئيءَ ڏانهن اک ڪنئين ته هن جي سونهن جو تاب نه جهلي سگهيو ۽ جواب ڏيڻ جي بدران هن کي جهلي، پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ اندر نيڻ جي ڪوشش ڪيائين. سسئي پنهونءَ کي مدد لاءِ رڙيون ڪيون، مگر پنهون ڪٿان ٿي پهچي سگهيو، جواب نه مليس. آخر بيوس ٿي، ڌڻيءَ کي ٻاڏايائين ”اي مالڪ مهربان! مون کي هن زمين اندر جاءِ ڏي ته آءٌ هن ڪميڻي جي بدنيتيءَ کان بچي پوان.“ ڌڻي هن جي دعا قبول ڪئي، ۽ سندس پيرن هيٺان زمين هڪدم ڦاٽي پئي ۽ سسئيءَ کي ڌڪار جي چنبن مان نجات ملي. ان کان پوءِ زمين وري ميڙي ويئي، مگر سسئيءَ جي پوتيءَ جو پلوُ ٻاهر رهجي ويو. اهو حال ڏسي، ڌڪار خوف کان پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ وڃي لِڪو.



سسئي



ڀٺي پاسي، منجهند ڌاري پنهون نشي مان سجاڳ ٿيو ۽ پاڻ کي آٺ جي پٺيءَ تي جڪڙيل ڏسي چنو ڪان ان جو سبب پڇيائين. جنهن تي سندس ننڍي ڀاءُ وراڻي ڏني ته ”بابي جي حڪم موجب توکي ڪيچ ڏي وٺيو ٿا وڃون.“ پنهون اهو ٻڌي، هڪدم ٽپو ڏئي آٺ تان هيٺ لٿو. جنهن تي چنو ۽ سندس ڀائرن آٺ بيهاري ڪوشش ڪئي ته هن کي زوريءَ جهلي قابو ڪن، مگر پنهون پنهنجي تلوار مياڻ مان اهڙي جوش ۽ ڪاوڙ مان ڪڍي جو هنن ڊڄي ڪيس ڇڏي ڏنو. پنهونءَ وانڱائيپ ۽ ڇرڀائيپ واريءَ حالت ۾ پنهنجو رخ ڀنڀور ڏانهن ڪيو. هو ماڳيا پير وٺي پوئتي موٽيو. هلندي هلندي هو انهيءَ هنڌ اچي پهتو، جتي سسئيءَ کي ڌرتيءَ پناهه ڏني هئي. انهيءَ هنڌ جي ڀر پاسي ۾ هن هڪ ڀڪرار کي ڏٺو، جو ان وقت ڪي قدر خوف تي غالب پئجي چڪو هو ۽ پنهنجي جهوپڙي ڪان ٻٺي موٽيو. پنهونءَ هن کان پڇيو ته ”تو ڪا هتان سهڻي عورت لنگهندي ڏٺي؟“ چو ته ڪيس پڪ هئي ته سسئي سندس ڳولا ۾ ضرور نڪتي هوندي. ڀڪرار جواب ڏنو ته ”ٿوري دير اڳ هڪ زال هت آئي هئي، مگر اوچتو هن کي زمين ڳڙڪائي ويئي.“ هن پنهنجي ڳالهه جي ثابتيءَ لاءِ سسئيءَ جي پوتيءَ واري پلاند ڏانهن اشارو ڪيو جو ٻاهر نڪتل رهجي ويو هو. پنهونءَ پوتيءَ جي پلؤ کي ڏسندي هڪدم سڃاڻي ويو. هن عشق ۽ محبت جي جذبي وچان ڌڻيءَ کي ٻاڏايو ۽ دعا گهريائين ته ”اي مالڪ مهربان! زمين کي ڦاٽ ۽ مون کي به انهيءَ هنڌ جاءِ ڏي!“ هن جو عرض اگهاڻو ۽ اکئين وانگر هن جي پيرن هيٺان زمين ڦاٽي پيئي. اکڇنڀ ۾ پنهنجي محبوب سان وڃي مليو. ڌرتي وري اهڙي ٿي ويئي جهڙي اڳ هئي. اهڙيءَ ريت، ڌڻيءَ پنهي محبت جي مشتاقن جو پنهنجيءَ ڪمال قدرت سان دائمي ميڙائو ڪيو.



مارئي

اوٺي (سنڌس مڱينڊو ڪيت) ٻئي ٽپ ڏيئي اٺ تي سوار ٿيا، اٺ ڪڙو ٿيو ۽ تڪڙو ملير ڏانهن رخ رکيائين. ڇوڪرين پڇيان وٺي واڪا ڪيا ”مارئي، هي ڇا ٿي ڪرين؟ ڇو هڪ ڌارئي ماڻهوءَ سان اٺ تي سوار ٿي وڃين ٿي؟“ مارئيءَ وراڻي ڏني ته ”عمر کي وڃي چئجو ته مون کي اٺ تي کڻي آيو هئين، اڄ آءٌ وري اٺ تي چڙهي پنهنجي ملڪ وڃي رهي آهيان.“

ڇوڪريون موٽي اچي پنهنجين پالڪين ۾ ويٺيون ۽ گهر پهچي عمر کي سچي حقيقت ٻڌايائون. عمر سومري، رعيت جي ڊپ کان مارئيءَ جي آڻڻ لاءِ لشڪر نه موڪليو ته متان سنڌس ماڻهو ڪيس مهڻو ڏين ته اسان کي نصيحت ٿو ڪري ته ظلم نه ڪريو ۽ خود پاڻ بي گناهه ماڻهن سان ظلم پيو ڪري. اهڙيءَ ريت مارئي صحيح سلامت پنهنجي ڳوٺ پهتي، جتي وڃي پنهنجي مڱڻ کيت سان لائون لڌائين ۽ ان کان پوءِ پيئي باقي حياتيءَ جا ڏينهن خوشي سان گهارڻ لڳا.

# ٣- مومل ۽ راڻو

ڪنهن زماني ۾ سنڌ ۾، نند نالي هڪ راجا رهندو هو. هن وٽ سونُ جو هڪ عجيب ڏند هو، جنهن ۾ اها خاصيت هوندي هئي ته جيڪڏهن ان کي پاڻيءَ جي ويجهو آڻبو هو ته پاڻيءَ کي سڪائي ڇڏيندو هو. راجا نند ان ڏند کي پنهنجي خزاني جي بچاءَ لاءِ ڪم آڻيندو هو. هو اهو ڏند سنڌو نديءَ تي کڻي ويندو هو ۽ ڏند سميت جڏهن پاڻيءَ ۾ گهڙندو هو ته نديءَ جو پاڻي خشڪ ٿي ويندو هو. اهڙيءَ ريت جڏهن به راجا نند کي پئسي جي گهرج ٿيندي هئي، تڏهن ڏند کڻي، سنڌو درياءَ جي ڪپ تي ويندو هو ۽ انهيءَ کي پنهنجي طلسمي ڏند سان سُڪائي، پوءِ جيڪي به خزانا هن کي درڪار هوندا هئا، سي کڻي گهر موٽندو هو. وري جڏهن ڏند سميت درياءَ مان نڪري ڪناري تي ايندو هو ته ساڳي ندي اڳئين وانگر وهڻ لڳندي هئي.

هڪ ڏينهن ائين ٿيو جو هڪ نجوميءَ کي رمل ۽ نجوم جي علم وسيلي انهيءَ سونُ جي ڏند جي خبر پئجي ويئي. هو انهيءَ لالچ ۾ اچي ويو ته ڪهڙيءَ طرح سان به اهو جادوءَ وارو ڏند ضرور هٿ ڪجي. انهيءَ نيت سان هو هڪ ڏينهن راجا نند جي غيرموجودگيءَ ۾ هن جي محلات ۾ ويو. راجا نند کي ٩ (نَوَ) ڌيئون هيون، جن مان مومل بيحد سهڻي هئي ۽ سومل سيڻي ۽ سياڻي. محلات جي ويجهو پهچي، نجوميءَ مڪر ڪري، زور سان وڏي دانهون ڪوڪون شروع ڪيون، جو هن جي شور تي راجڪماريون محلات مان نڪري آيون. بدقسمتيءَ جي ڳالهه وري اهڙي جو سومل، جا هوند انهيءَ نجوميءَ جو مڪر سمجهي وڃي ها، سا راجا نند سان باهر ويل هئي. سو مومل نجوميءَ کي گهرائي هن جي

ڪڪ تي اهو ڦورو هنن 'راڻي' کي ڏنو، جنهن جي چالاڪ آڱرين جلد ڳنڍين کي سلجهائي، پٽ جي ڏيڍي مان مٽڪيارو ڦاهي، پنهنجي گهوڙي جي منهن تي ٻڌي ڇڏيو.

ٻانهيءَ راڻي جي حرفت کي ڏسي ڏانهس وڏي عجب مان نهاريو ۽ پوءِ پنهنجي سائڻ ڏانهن ويئي ۽ وڃي چيائينس ته "چار سهڻا جوان توکي حاصل ڪرڻ لاءِ آيا آهن، پر هڪڙو راڻي نالي سان، سڀني کان سونهن ۽ عقل ۾ سرس آهي، بلڪ انهن چئجي ته جيڪي به عاشق هيل تائين تنهنجي محلات جي در تي آيا آهن، انهن سڀني کان مٿانهون آهي. سائڻ! منهنجي صلاح آهي ته تون انهيءَ سان هڪدم شادي ڪر ۽ هن جوڌي جوان کي ٻين وانگر نه مارائجانءِ." اها ڳالهه ٻڌي مومل کي في الحال ته راڻي تي رحم آيو، پر پوءِ وري به پنهنجي دستوري فريب تي ڪار بند رهندي جواب ڏنائين ته: "جيڪڏهن سچ پچ، جيئن تون چوين ٿي، هو اهڙو ئي عقلمند آهي ته ڀل مون کي پنهنجي همت سان هٿ ڪري. جيڪڏهن ان ۾ ناڪامياب ويو ته عقلمند نه آهي، پر بيوقوف آهي ۽ پوءِ مان هن جي تن دولت کي پنهنجي پيءُ جي خزاني ۾ ملائي ڇڏيندس."

انهيءَ کان پوءِ مومل وڏيڪ لذيذ طعام تيار ڪرايا (ست رڇيون ٺهرايون) ۽ انهيءَ ۾ قاتل زهر وجهائي ڇڏيائين. اهو ڪاڏو ٻانهيءَ کي ڏنائين ته وڃي بادشاهه ۽ سندس ٽنهي وزيرن کي ڏي. ٻانهيءَ حڪم جي تعميل ڪئي. پوءِ ٻانهي ڪاڏي جا ٿانوَ هنن جي اڳيان رکي، پنهنجي هٿن سان هنن کي وڏيندي ڏيندي وئي ۽ چوندي پئي وئي ته اِهي طعام سائڻ پنهنجي هٿن سان توهان لاءِ تيار ڪيا آهن، انهيءَ خيال کان ته اوهان پٽ سُلجهائڻ ۾ ٿڪجي چُور ٿي پيا هوندا."

نيٺ هن راڻي سان ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو ۽ سوچڻ لڳو ته ڪهڙيءَ ريت راڻي کي تباهہ ۽ برباد ڪجي.

آخر هڪ ڏينهن راڻي، بادشاهہ سان مخفي ملاقات ڪئي ۽ اهو قبول ڪيائين ته مون اوهان سان ڪوڙ ڳالهايو هو ۽ پوءِ بادشاهہ کي رحم جي درخواست ڪيائين. همير پڇيس ته جيڪي توسان ٿي گذريو، اهو سڀ مون کي ٻڌاءِ ته مان توکي معاف ڪري ڇڏيندس. راڻي بادشاهہ کي اها ساري حقيقت ٻڌائي ته ڪيئن هو سرنگهہ ۽ آل بازار مان لنگهي طلسمي نديءَ مان پار اڪري، تلوار هٿ ۾ ڪٺي، مومل جي ڪمري ۾ ڏوڪيندو ويو، ۽ پوءِ مومل جي حسن جي ساراهہ اهڙن زوردار لفظن ۾ ڪيائين جو همير کي مومل جي ديدار جو شوق اڳي کان به وڌي ويو ۽ راڻي کي سختيءَ سان چيائين ته "مان رڳو هڪ واريءَ مومل کي ڏسان، پوءِ آءٌ توتي اڳئين وانگر مهربان رهندس."

راڻي ٿوري دير ويچار ڪري، ورندي ڏني ته "جيڪڏهن توهان بادشاهہ جي حيثيت ۾ هلندا ته هوءَ توهان سان شايد ڪانہ ملڻ چاهيندي، پر جيڪڏهن توهان ڏنار جي ويس ۾ هلندا ته هن کي شڪ ڪونه پوندو ۽ اهڙيءَ طرح مومل کي چڱيءَ طرح سان ڏسي سگهندؤ."

آخر همير راڻي جي صلاح سان ڏنار جو ويس پائي، بوچڻ مٿي تي ويڙهي، لٺ هٿ ۾ ڪٺي، تيزرفتار اٺ تي راڻي سان سوار ٿي ويٺو. ٿوري وقت کان پوءِ مومل جي باغيچي جي ٻاهرئين دروازي وٽ اچي پهتا. راڻو اٺ جي واڳ وٺي سرنگهہ ۽ آل بازار مان لنگهي، ندي پار ڪري اچي مومل جي اڳڻ تي پهتو. همير به ساڻ هوس، هن اٺ کي اڳڻ تي جهڪايو ۽ اٺ جي مهار همير کي ڏيئي پاڻ محلات ۾ گهڙي، مٿينءَ ماڙي تي مومل جي ڪمري ۾ لنگهي ويو. مومل پڇيس ته "اهو نئون ماڻهو توسان ڪير آهي؟" جواب ڏنائينس ته

انهيءَ رات راڻي پنهنجي ڏاچيءَ جي ڳولا ڪئي، پر هن کي هٿ نه آئي ۽ نڪي هن کي جٽ مليا، ڇاڪاڻ ته جڏهن ڪبير ڏاچيءَ کي ڪڍهرائڻ لاءِ آتاولو هو، تڏهن هو خوف سببان پڄي نڪتا هئا. آخرڪار هن کي ٻوڙو جٽ مليو، جو پٺتي رهجي ويو هو. راڻي هن کان نهايت ئي رازدارانه نموني پڇا ڪئي ته "منهنجي ڏاچي ڪٿي آهي؟" ٻوڙي جٽ جواب ڏنو "تنهنجي پيءُ ڪهرائي ڇڏي، پر انهيءَ جو هڪ توڏو آهي، جو توکي اهڙيءَ ئي تيزيءَ سان پهچائيندو." ائين چوندي هن کي اٺن جي جهوڪ تي وٺي آيو، ۽ اهو توڏو، راڻي جي حوالي ڪيائين، ۽ پوءِ راڻي جي لانگ ورائڻ جي دير هئي. ان پنهنجي ماءُ کان به تيز رفتاريءَ سان راڻي کي مومل جي محلات ۾ آڻي رسايو.

ان رات راڻو پنهنجي دستور خلاف مومل وٽ ساري رات ڪين ترسيو، بلڪ صبح کان اڳ گهر موٽي آيو ۽ ڪپڙا صاف ڪري اچي زال وٽ حاضر ٿيو ته جيئن هن کي شڪ نه پوي. راڻي کي صبح جو گهر ۾ ڏسي جوٽس ۽ سندس پيءُ سمجهيو ته راڻو هاڻي مومل وٽ ڪونه ٿو وڃي.

بدقسمتيءَ سان مومل ۽ راڻي جي محبت جو قصو مومل جي ماءُ جي ڪنن تائين پهتو ۽ مومل جي پيءُ سومل کي به اها خبر پئجي ويئي. ماءُ کي پنهنجي ڌيءُ جي بدناموسيءَ جو گهڻو ارمان ٿيو، مگر سومل کي پنهنجيءَ ڌيءُ مومل جو راڻي سان عشق ۾ آڙجڻ ۽ پنهنجي ڪاروبار (شهزادن کي ڦاسائڻ ۽ دولت حاصل ڪرڻ) کي ترڪ ڪرڻ جو وڏو افسوس ٿيو. هن سوچيو ته هاڻي پيءُ جي وڇايل خزاني جو پورائو نه ڪري سگهبو. آخر سومل هڪ ظالمانه سٽ سٽي، ڇا ڪيائين جو هڪدم مومل جي محلات ۾ ويئي ۽ هن کي مڪريلي نموني جو پيار ڏيکاري ساڻس گڏ سمهي پئي. رات جو



موصل

ڏنو هو، آهو ڪو مرد ڪونہ هو، پر منهنجي ڀيڻ سومل هئي."
راڻي انهيءَ قاصد هٿان جواب موڪليو تہ: "مون جيڪي اکين سان ڏٺو، تنهن تي ڪيئن نہ ويساهہ ڪريان؟ ڪابہ عورت مرد جا ڪپڙا پائي ڪانہ سمهندي آهي." انهيءَ جواب کان پوءِ مومل هڪبئي پٺيان ڪيئي قاصد موڪليا تہ، راڻي سان ملي ڪيس اصلي حقيقت کان آگاهہ ڪن، مگر راڻي کي ويساهہ نہ آيو، سو نہ آيو. آخر راڻي قاصد هٿان اهو جواب ڏياري موڪليو تہ "مومل کي وڃي چئو تہ مان توکي هرگز معاف نہ ڪندس، توڙي ڪٿي تون منهنجي در تي ڪيترو بہ ليلائي اچي معافي گهُرين."

جڏهن قاصد اهو نياپو مومل کي اچي ڏنو، تڏهن ٻڌڻ شرط مومل جي دل کي سخت صدمو رسيو، پر پوءِ همت ڪري، مرداڻا گيڙوءَ رتا ڪپڙا پائي ۽ ڪشتو هٿ ۾ کڻي در در سڻن هڻندي اچي عمرڪوٽ پهتي. انهيءَ ٿي ڏينهن پتا پار پڇي اچي راڻي جي دروازي تي سڻن هنيائين. هڪ دردلي آواز واري سڻن ٻڌي، راڻو ٻاهر نڪتو. فقير کي مرداڻا ڪپڙا ڏسي سڃاڻي ڪونہ سگهيو، پر هن جي موهيندڙ مهانڊي تي موهت ٿي پڇيائين تہ، "فقير! توهان ڪٿان آيا آهيو؟ ڪڏهن کان سنياسي ٿيا آهيو؟ اصل کان انهيءَ حالت ۾ هئا يا دنيا کان بيزار ٿي ڪنهن ساڌوءَ جي سنگت ۾ هيءَ روپ ورتو اٿو؟" سنياسيءَ جواب ڏنو تہ "ڪنهن ساڌوءَ جي سنگت ۾ هيءَ روپ ڪين ورتو اٿم، پر ڏُکي سنسار جا ئي ڪرشما آهن، جنهن هيءَ ماڳ ڏيکاريو آهي." راڻو هن جي جواب کان تمام گهڻو متاثر ٿيو ۽ نهايت دل جي محبت سان چيائين تہ "سيلاني، ٻہ- چار ڏينهن اسان کي پنهنجيءَ خدمت جو جيڪر موقعو ڏين تہ تنهنجا وڏا لائق ٿيندا." مومل تہ پنهنجي دل ۾ ڏٺيءَ کان اهوئي سوال ٿي گهريو، سو سواءِ ڪنهن رد ڪد جي هڪدم ڪنڌ ڌوڻي هاڪار ڪيائين.

پن - چئن ڏينهن گذرڻ کان پوءِ، هڪ ڏينهن راڻي سنياسيءَ کي ڏاري راند جي آڇ ڪئي ۽ ڪانئس راند جي هار جيت جا شرط پڇيائينس. سنياسيءَ وراڻي ڏني ته: "جيڪڏهن مون کٽيو ته مان توهان وٽ هميشه لاءِ ترسي پوندس، پر جي هارايم ته سياڻي هتان هليو ويندس." راڻي کلندي جواب ڏنو ته: "جيئن توهان جي مرضي." ائين چئي ٻئي چٽا راند تي ويهي رهيا. راڻو پنهنجو وارو هليو ۽ جيئن ئي مومل جو وارو آيو ۽ ڏاري کڻڻ لاءِ پنهنجو هٿ ڊگهيريائين، تيئن هن جي ٻانهن اگهاڙي ٿي پيئي ۽ بدقسمتيءَ سان ٻانهن وارو تير، جو راڻي جو ڏنل هو، ظاهر ٿي پيو. ٻانهن جي تير تي نظر پوندي، راڻو راند ڇڏي، ٽپ ڏيئي، اٿي ڪڙو ٿيو. مومل ڄاڻي ويئي ته راز ظاهر ٿي پيو. پوءِ ته مومل راڻي کي راضي ڪرڻ لاءِ آزين ۽ نيزارين ۾ ڪابه ڪوتاهي ڪانه ڪئي، پر راڻي جي دل تي ڪوبه اثر ڪونه ٿيو، ۽ هو پنهنجي ضد تي قائم رهيو.

مومل دل شڪسته ٿي شهر کان ٻاهر نڪتي، هن سوچيو ته هاڻ هن زندگيءَ کان مرڻ بهتر آهي. اهو فيصلو ڪري هڪ چکيا تيار ڪرايائين. اها خبر راڻي جي ڪنن تائين وڃي پهتي ته هڪ سٽي ٻاڻ کي شهر کان ٻاهر چکيا تي چاڙهي رهي آهي. هن کي يقين ٿيو ته شايد اها مومل هجي، جنهن ناميد ٿي، اهو قدم محبت جي ناڪاميءَ سببان کنيو آهي. اهو سوچي هن کي سخت ارمان ٿيو ۽ بي اختيار ٿي دانهن ڪري چيائين ته: "او مومل! مون توکي معاف ڪيو، آءٌ غلطيءَ تي هوس. مان تنهنجي محبت کي سچو سمجهان ٿو." پر هاڻي چا ٿي ٿي سگهيو. محبت پنهنجي آخري انجام جو فيصلو ڪري چڪي هئي. مومل وراڻيو: "تنهنجي انهيءَ اقرار کان پوءِ مون لاءِ هاڻي وڌيڪ ٻي ڪهڙي خوشي ٿي سگهي ٿي." ائين چئي، هن هڪدم پنهنجو پاڻ مچ ۾ اڇلي وڌو.

باهہ جو وڏو پڃپٽ آسمان کي ڇهي رهيو هو. مومل جو هيءُ انجام ڏسندي، راڻي جو هوش حواس گم ٿي ويو. هن بي اختيار ٻنجي ڊوڙي وڃي باهہ ۾ ٽپ ڏنو. اهڙيءَ ريت هي ٻيئي عاشق ۽ معشوق، محبت جي آخري امتحان ۾ پنهنجو پاڻ سچو ثابت ڪري، هميشه لاءِ جاودان ٻنجي ويا.

فقط آواز جي ديـر هئي. اجيتسنگ هڪدم گهوڙي تـي سوار ٿي تيز رفتاريءَ سان شينهن کي تيز ڀالو آر پار لنگهائي وڌو ۽ شينهن زمين تي ڪري پيو. انهيءَ کان اڳ جو هو ساه ڪڍي وري اٿي، گلاب سنگ پنهنجي تلوار جي هڪ ئي ڌڪ سان هن جي سسي ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏي. انهيءَ کانپوءِ گهوڙي تان هيٺ لهي، شينهن جا ڪن ۽ ڇنبا ڪپي خرزين ۾ وجهي، تيز رفتاريءَ سان گهوڙي کي هڪليندو پنهنجي مڪان تي اچي پهتو.

راڻي جو موت جي منهن مان هن طرح بچڻ ڄڻ ته هڪ معجزو هو. هو پوءِ ٻئي هاٿيءَ تي سوار ٿيو، ۽ پنهنجي اميرن کي چوڌاري ٻيهاري پڇيائين ته اهو ڪير هو، جنهن شينهن کي ماريو؟ چو ته گلاب سنگ جو اچڻ ۽ موٽڻ جهٽ پٽ ٿيو هو ۽ راڻو هن کي سڃاڻي نه سگهيو هو. هر هڪ امير اهو ئي رايو ڏيکاريو ته "مون ئي اهو سور هيائيءَ جو ڪم ڪيو آهي." مگر راڻو ڪنڌ ڌوڻي، پنهنجي هاٿيءَ تي چڙهي اچي محلات ۾ پهتو.

محلات جي در وٽ پهچي، پنهنجي اميرن کي حڪم ڪيائين ته سڀ سندس پر وٽان لنگهن، جو هن جو خيال هو ته پنهنجي بچائيندڙ کي ڏسندو ته ضرور سڃاڻي وٺندو. جڏهن گلاب سنگ هن جي سامهون لنگهيو، تڏهن راڻي هن کي سڃاڻي ورتو ۽ سڏ ڪري چيائين ته، "اهو راجپوت تون آهين، جنهن شينهن کي ماري منهنجي جان بچائي." گلاب سنگ ادب سان جواب ڏنو: "جيئندا قبلا! جيئن توهان سمجهو ٿا، تنهن ئي شينهن کي ماريو آهي." راڻو اهو ٻڌي منجهي پيو ۽ ڀڪ ڪانه ٿيس ته ڪو منهنجو گمان ليڪ آهي. مگر اجيت سنگ اچي کليو ۽ چوڻ لڳو ته: "غريب پرور! جنهن به شينهن کي ماريو هوندو، تنهن ضرور ان جا ڇنبا ۽ ڪن پاڻ وٽ شاهدي لاءِ رکيا هوندا." راڻي ڪاوڙ مان هن جي طرف نهاريو

۽ چيائين ته: ”ڪن هجنس يا نه، چنبا هجنس يا نه، مگر تو ته شينهن نه ماريو آهي.“ اجيت سنگ لڄي ٿيو ۽ چيائين ته: ”مون ته ڪونه ماريو آهي. مگر جنهن به ماريو آهي، تنهن وٽ ان جا چنبا ۽ ڪن ضرور هوندا.“

انهيءَ ڪانپوءِ راڻي کي يادگيري آئي ته اجيت سنگ ۽ گلاب سنگ پاڻ ۾ سالا پيٽيو يا آهن، تنهنڪري گلاب سنگ کي حڪم ڪيائين ته: ”جيڪڏهن هن وٽ ڪن ۽ چنبا آهن ته ظاهر ڪري.“ گلاب سنگ گهوڙي تان هيٺ لٿو ۽ پنهنجي خرزين مان شينهن جا چنبا ۽ ڪن ڪڍيائين ۽ ادب سان راڻي جي سامهون رکيائين. راڻي خوشيءَ وچان گلاب سنگ جي سورهيائي ۽ حياء جي تعريف ڪئي ۽ هن کي سندس بهادريءَ جي عيوض هڪ چوغو عطا ڪيائين. اجيت سنگ کي پنهنجي دربانن جو مهندار مقرر ڪيائين ۽ گلاب سنگ کي پنهنجي شاهي محلات جي چارج ڏنائين. هنن کي شاهي بخشش کي قبول ڪرڻ کانسواءِ ٻيو چارو ڪونه هو، مگر هنن ٻنهي کي هن قسم جي مستقل جدائي تي بيحد صدمو رسيو.

سانوڻ گذريو سيارو آيو، پر صراف وارن ويهن هزارن جي ادائگيءَ جو ڪو به امڪان نظر نه ٿي آيو. هڪ ڏينهن شام جو هڪ زبردست طوفان لڳو. گلابسنگ ان وقت راجائي محلات جي حاضريءَ تي هو ۽ اجيتسنگ راجا سان گڏ هو. راجا اجيتسنگ کي آرام ڪرڻ جي اجازت ڏني ۽ پاڻ راڻيءَ وٽ وڃي آرامي ٿيو. انهيءَ وقت ويچارو گلابسنگ، جو محلات جي ڊيوٽيءَ تي هو، مينهن جي پاڻيءَ ۾ پُسيل، ٿڌ ۾ پريشان ۽ اباڻڪو هو. هو ان وقت پاڻ کي وندرائڻ لاءِ هيءَ مصرع ڳائي رهيو هو:

”لٿو آهي مينهن، ڏاڍا اوهيرا ڪري،
دريا جو ڏسچر، ٻُڏجي ٻيڙو پري،

تي راجا وڏيڪ ٽيڪو ٽي پڇين ته: ”جواب ڇو نہ ٿا ڏيو؟“ هنن جو منهن لٿل ڏسي، وري نرم لهجي ۾ چوڻ لڳو: پنهنجي اصليت پڌائڻ ۾ نہ ڊڄو. جنهن منهنجي جان بچائي آهي، انهيءَ لاءِ مان خوشيءَ سان پنهنجي وس آهر مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.“ اها ڳالهہ ٻڌي، اجيتسنگ ۾ ٿوري جرئت آئي ۽ راڻي کي شروع کان وٺي آخر تائين سچي ڪهاڻي ٻڌايائين.

راڻي جواب ۾ ڪي ڪين ڪڇيو ۽ هڪ ٻانهيءَ کي حڪم ڪيو تہ گلاب سنگ کي ڇوڪريءَ جا ڪپڙا پهرائي آڻي. ٻئي ڏينهن هن پنهنجي خزانچيءَ کي حڪم ڪيو تہ اجيتسنگ کي ۲۰ هزار روپيہ ۽ جيڪي ان تي وياج ٿيو هجي، انهيءَ سميت رقم ڏني وڃي. جوان کي اجا مس رقم ملي تہ هو پنهنجي گهوڙي تي سوار ٿي فوراً جيسلمير پهتو. اتي پهچڻ کان پوءِ، هو صراف وٽ ويو ۽ وڃي هن کي قرض ادا ڪيائين، جنهن کي ورتي پورو هڪ سال ٿي ويو هو ۽ جنهن جو ٻڌي صراف ڪجهہ ڏينهن کان آسرو لاهي ڇڏيو هو. هو پنهنجي دل کي اها تسلي ڏيندو ٿي رهيو تہ انهيءَ رقم کان گهڻو ڪجهہ وڌيڪ اجيتسنگ جي پيءُ سان جيڪو هن جو وهنوار هوندو هو، انهيءَ مان حاصل ڪري چڪو هو. مگر جڏهن اجيتسنگ کان وچايل رقم موٽي مليس، تڏهن بيحد گهڻو خوش ٿيو.

صراف کي پئسا ڏيئي، اجيتسنگ هوا وانگر تڪو موٽي اڏيپور پهتو ۽ ان لاءِ ٿورو مڃيندي راڻي جي پيرن تي ڪري پيو. ان کان پوءِ راجا راجبالا کي سڏايو ۽ رسمن موافق هن کي ”پرن رڪشا“ يا حياتي بچائيندڙ ديويءَ جو لقب ڏنائين، جنهن نالي سان هوءَ ساري اڏيپور ۾ مشهور ٿي وئي. ان کان سواءِ کيس هڪ وڏي جاگير ۽ هڪ رهڻ

لاءِ عاليشان محلات ڏنائين. انهيءَ ڏينهن کان اجيتسنگ ۽ راجبالا انهيءَ ۾ رهڻ لڳا. ليڪن هاڻي راڻي جي تلوار مياڻ اندر هئي ۽ اڳي وانگر مياڻ مان ڪڍي پاسي ۾ رکڻ بند ڪيائين، جا پنهي محبت جي متوالن کي هڪ ٻئي کان الڳ رکندي هئي.

## ٥- دودو ۽ چنيسر

ڪنهن زماني ۾ روپا شهر ۾ ڀونگر نالي هڪ وڏو حاڪم راڄ ڪندو هو. هو سومرا قوم جو فرد هو ۽ سڄيءَ سنڌ جو مڃيل حاڪم هو. هو هڪ دفعي شڪار تي ويو ۽ لاهر قوم جي هڪ حسين ڇوڪري ڏٺائين، جا وقت پنهنجي ماڙيءَ جي دريءَ مان ٻاهر نهاري رهي هئي. توڙي جو بادشاهه ڇوڪريءَ کي ته گهڙي پلڪ لاءِ ڏٺو هو، پر ڏسڻ سان ئي سندس دل ۾ گهڙي ويئي. جڏهن بادشاهه واپس پنهنجي محلات ۾ پهتو، تڏهن هن پنهنجي وزيرن کي گهرايو ۽ انهيءَ واقعي جو احوال ٻڌايو ۽ اهو اظهار ڪيائين ته يا هو ان ڇوڪريءَ سان شادي ڪندو يا مرڻ پسند ڪندو. وزير ڪلي چوڻ لڳا ته: ”بادشاهه کي مرڻ جي ڪا ضرورت ناهي. اوهان سان شادي ڪرڻ تي ڪابه لاهر ڇوڪري آرهي ڪانه ٿيندي.“ ان کان پوءِ بادشاهه جا وزير ان ڇوڪريءَ جي مائٽن سان مليا ۽ وعدي مطابق بادشاهه جي شاديءَ جو بندوبست ڪيائون.

شاديءَ کان هڪ سال پوءِ بادشاهه کي انهيءَ لاهر زال مان هڪ پٽ ڄائو، جنهن جو نالو چنيسر رکيائين. ڀونگر بادشاهه کي سومري خاندان مان ٻي هڪ زال هئي، جنهن کي به ان وقت ڏاري هڪ نياڻي ڄائي، جنهن جو نالو ٻاگي رکيو ويو. ان کان هڪ سال پوءِ بادشاهه کي ان سومري رانيءَ مان هڪ پٽ ڄائو، جنهن جو نالو دودو رکيائين.

وقت گذرندو رهيو، چنيسر ۽ دودو وڏي جوان ٿيا. بادشاهه چنيسر جي شادي هڪ لاهر نينگريءَ سان ڪرائي ۽ دودي کي پنهنجي ڏاڏي ٻوٽي شهزادي پرڻائي. چنيسر کي

دودي کي ڏي يا چنيسر کي ڏي." اها رٿ سومرن سردارن کي به وڻي، ڇو ته هنن کي يقين هو ته هوءَ تخت جو مالڪ پنهنجي سڳي پٽ دودي کي بڻائيندي ۽ نه چنيسر کي، جو پٽيتو پٽ اٿس. اهو فيصلو ڪري وزير بارن پاڳيءَ کي لکيو ته هوءَ تخت جي وارثيائي آهي ۽ پنهنجي مرضيءَ مطابق جنهن کي وڻيس، تنهن کي تخت ڏي. پر پاڳي دودي جي پيٽ ۾ چنيسر سان وڌيڪ پيار ڪندي هئي. جواب موڪليائين ته هوءَ چنيسر جي حوالي تخت ڪرڻ چاهي ٿي. اهو ٻڌي سومرن غصي ۾ چپن کي چڪ پئي وڌا، ليڪن ڪري ڇا ٿي سگهيا. هنن خود اها رٿ قبولي هئي، تنهنڪري لاچار چنيسر کي گهرايائون.

جڏهن چنيسر آيو ۽ اچي ڏٺائين ته سومرن سردارن جا منهن لٿل آهن، تڏهن پاڻ ڏاڍو پريشان ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته مون کي پنهنجي ماءُ راڻيءَ کان صلاح پڇڻ گهرجي. جيڪڏهن هن جي مرضي هوندي ته پوءِ آءٌ تخت قبول ڪندس." چنيسر ائين چئي، دربار ڇڏي پنهنجي ماءُ وٽ ويو ۽ عرض ڪيائين ته: "امان! ٻڌاءِ ته سومرن جي هوندي مان تخت تي ويهان؟" سندس ماءُ اهو ٻڌي، هن کي ڀتي ڪنيو ۽ فخر سان هن جي ڪلهي تي هٿ رکي چيائين ته: "منهنجا پٽ! ڪنهن جي به پرواهه نه ڪر. بخت تنهنجي طرف آهي، تخت تي ويهه ۽ سومرن جو مقابلو ڪر."

جڏهن چنيسر دربار ڇڏي ٻاهر نڪتو هو، تڏهن ان وقت سومرن سردارن کي ڏاڍي ڪل آئي ۽ نفرت سان چوڻ لڳا ته "هي ته بهترين بادشاهه پيو ڏسجي. ماءُ کان پڇڻ بغير تاج به ڪونه ٿو پهري." ان کان پوءِ، دودي کي سڏائي، وڏي ڌام ڌوم سان، دهل دمامن سان روپا شهر مان گشت ڪرائي، کيس پنهنجو بادشاهه ظاهر ڪيائون. دهلن جو آواز جڏهن چنيسر جي ماءُ جي ڪنن تي پيو، تڏهن هن نوڪرياڻي

ٻاهر موڪلي ان جو سبب معلوم ڪرايو. نوڪرياڻي موٽي اچي ٻڌايس ته سومرن سردارن دودي کي بادشاهه بڻايو آهي، ڇو ته چنيسر ماڻهو جي رضا کان سواءِ تخت تي ويهڻ جي جرئت نٿو رکي. اهو ٻڌي، لاهر راڻيءَ جون اميدون خاڪ ۾ ملي ويون ۽ غصي ۾ چنيسر کي چوڻ لڳي ته: ”بيشڪ سومرا سردار درست آهن، مون سمجهيو ٿي ته مون پٽ ڄڻيو هو، پر تون ته ڌيءَ ثابت ٿئين. هاڻي توکي چرخي وٺ عورتن سان گڏ ويهي ڪتڻ گهرجي.“ چنيسر جي زال کي به مڙس جي تخت وڃائڻ واري ڳالهه بيحد غصي ۾ وجهي ڇڏيو. هوءَ چوڻ لڳي ته: ”چا جو، هي ته چرخي هلائڻ لائق به نه آهي. هن کي ته ڪلهن تي چادر رکي ٻڪريون ۽ رڍون چارائجنس.“ چنيسر کي هنن طعنن ۽ ٺٺولين سخت ڪاوڙايو. هو آئي چوڻ لڳو ته: ”هڪڙي ڏينهن اوهان پنهنجي چيل لفظن تي پشيمان ٿيندؤ.“ ائين چوندي هو جلدائيءَ سان گهر سان ٻاهر نڪتو ۽ دودي ڏانهن چوائي موڪليائين ته، ”سنڌ جي حڪومت منهنجي آهي. اها مون کي موٽائي ڏي. نه ته مان انصاف وٺڻ لاءِ دهليءَ جي بادشاهه علاءالدين ڏانهن ويندس.“

جڏهن دودي کي اهو پيغام پهتو، تڏهن هن جي دل ۾ نرمي پيدا ٿي ۽ هن سڀني سردارن کي گهرائي چيو ته: ”چنيسر هيءَ ڌمڪي موڪلي آهي. آخر هو منهنجو وڏو ڀاءُ آهي ۽ سنڌس پٽ جو منهنجي نياڻيءَ سان مڱڻو ٿيل آهي. هن کي ڪاوڙ ۾ دهليءَ وڃڻ کان روڪيو وڃي ۽ تخت کيس ڏجي، ڇو ته ائين ڪرڻ سان سنڌ کي تباهيءَ کان بچائي سگهبو ۽ اسان ٻئي ڀائر هڪ ٻئي جي همدردي وڃائينداسون.“ پر سومرا سردار غصي ۾ اچي چوڻ لڳا ته: ”بادشاهه سلامت! ائين نه ٿيندو، بادشاهي توکي هلائڻ لاءِ ڏني ويئي آهي، نه انهيءَ لاءِ ته اها خيرات ۾ ڏئي ڇڏ. جيڪڏهن هن

ڪونہ ڏنو ۽ ڪيس بادشاهہ وٽ وٺي ويو ۽ هن جا لفظ ان کي دوباره ٻڌايائين. بادشاهہ، چنيسر کي چتائي ڏنو ۽ چيو تہ: ”مون کي يقين آهي تہ چنيسر پنهنجي لفظن کي ضرور پاڙي ڏيندو، ۽ ڪيس اهو ثابت ڪري ڏيکارڻو پوندو تہ هو سنڌ ۾ شينهن جو شڪار ڪيئن ڪندا آهن. جيڪڏهن مٺو تہ سندس غلطي آهي ۽ جي شينهن کي ماري ٿو وجهي تہ هن لاءِ وڏو انعام آهي.“ چنيسر اها ڳالهہ قبول ڪئي.

جڏهن سوارن جي ٽوليءَ شينهن کي ڳوليندي ڳوليندي هڪ ڪڏي ۾ ڪيس ڏٺو، تڏهن چنيسر گهوڙي تان لهي، ٻڪرار واري تلوار هٿ ۾ ڪٺي شينهن ڏانهن اڪيلو هلڻ لڳو. هو اڃا ان کي ٽورو ويجهو ٿيو تہ شينهن وڏيءَ جلهہ سان وار ڪيو، پر هو ٽپو ڏئي پاڻ بچائي ويو. ان کان پوءِ وڏي ڦڙتائيءَ سان جادو واريءَ تلوار سان، شينهن کي ٻہ اڌ ڪري ڇڏيائين.

بادشاهہ چنيسر جي بهادري ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هن کي ڪيڪاريندي چيائين تہ ”هاڻي پنهنجو انعام گهُر.“ اتي چنيسر پنهنجي سڄي ڳالهہ هن کي ڪري ٻڌائي تہ ڪهڙيءَ طرح کيس تخت مليو ۽ ڪيئن سومرن سردارن ڪيس سنڌ مان لوڌي ڪڍيو. هن رڙ ڪري چيو تہ: ”اي دنيا جا رکپال! مون کي انعام پنهنجي سنڌ جي تخت جو موٽي ملڻ جو گهرجي.“ انهيءَ تي علاؤالدين ورندي ڏنيس تہ ”توکي اهو ضرور ملندو.“ ان کان پوءِ چنيسر لاءِ سنڌ فتح ڪرڻ جي نيت سان وڏو لشڪر تيار ڪيو ويو.

افغانن جو لشڪر سنڌ ڏانهن روانو ٿيو ۽ جڏهن اهو اتان اچي لنگهيو، جتي اهو ٻڪرار رهندو هو، تڏهن ان ٻڪرار جي چوڻ مطابق سندس تلوار چنيسر کي ڇڏي، مالڪ ڏانهن موٽي آئي. چنيسر کي ٿورو افسوس ٿيو، مگر هو

پکڙجندي وئي، تان جو چارڻ ٻنا کنهن دقت جي هن لاءِ هڪ سهڻي ڪنوار هٿ ڪري ڏني، جنهن سان هن ڪجهه وقت خوشيءَ جو گذاريو.

جنهن وقت پيچل چائو هو، ان ساڳي وقت راجا انيراءِ جي هڪ زال کي پٽ ڄاڻو هئي. راجا انيراءِ کي اڳي ئي ستت ڌيون هيون، سو هن ڌيءَ ڄمڻ تي هن کي ايڏي ڪاوڙ لڳي جو ٻارڙيءَ کي پيٽيءَ ۾ وجهي ۽ سون جي ٿيلهي پاسي کان رکي، پيٽيءَ کي سنڌو نديءَ ۾ لوڙهي ڇڏيائين. پيٽي درياءَ ۾ لڙهندي اچي هڪ ڳوٺ ۾ نڪتي، جو راءِ ڏياچ جي هٿ هيٺ هو ۽ جتي رتنو ڪنڀر رهندو هو. ڪنڀر اها پيٽي ڏسي ورتي ۽ پاڻيءَ مان ڪڍي ٻاهر ڪيائين. صندوق مان ننڍڙيءَ کي ڪڍي گهر کڻي ويو ۽ سورٺ نالو رکيائينس. جيتوڻيڪ رتنو، راءِ ڏياچ جي ڳوٺ ۾ رهندو هو، مگر راجا انيراءِ جو لاڏلو هوندو هو ۽ هميشه هن جي دربار ۾ حاضري ڀريندو هو.

هڪ ڏينهن رتني، راجا کان ٻن مهينن جي موڪل وٺي پنهنجي ڳوٺ ويو، جتي هن جا ڏينهن تمام مزي ۽ خوشيءَ ۾ گذريا، ايتريقدر جو چار مهينا گذري ويس. ان کان پوءِ، هن کي ٻڌتي جي يادگيري پئي ۽ هاڻي موٽڻ جو سانباهو ڪيائين. سندس زال کيس چيو ته: "منهنجا سائين! راجا توهان کي ڪڏهن به انهيءَ موڪل کان وڌيڪ ترسڻ جي ڏوهه لاءِ معاف نه ڪندو، ۽ مان سمجهان ٿي ته توهان موت جي منهن ۾ ٿا وڃو." مگر رتني جواب ڏنو ته: "ڪجهه به ٿئي، مان ضرور ويندس. مون هڪڙو ڏوهه ڪيو آهي، ٻيو ڏوهه نه ڪرڻ گهرجي."

راجا انيراءِ، رتني جي ٻن مهينن کان پوءِ موٽي نه اچڻ تي سخت ناراض ويٺو هو ۽ پنهنجي دربانن کي چئي ڇڏيو هئائين ته جڏهن رتنو دربار ۾ اچي ۽ مون وٽان ٿي موٽي

تيار آهيان.“ انهيءَ جواب لاءِ ٻيجل اڳ ۾ ئي رٿ رٿي هئي، سو صدا هڻندي چيائين: ”اي راجا، منهنجي گهُر فقط تنهنجو سِر آهي.“ راجا چوڪري جي چار ۾ اهڙو ڦاٿو هو جو هن جو پاڻ ڇڏائڻ هاڻي محال هو. هن ٻيجل کي پنهنجا قيمتي ويس وڳا، پنهنجا محلات، پنهنجا گهوڙا ۽ هٿ، پنهنجا خزانا وغيره سڀ آڇيا، پر ٻيجل رڳو ناڪار ۾ ڪنڌ پئي ڌوڻيو ۽ پنهنجو سرندو ڪڍي وڄائيندو ئي رهيو. جيئن ئي هن جو ساز راجا جي ڪنن تي گهرو پوندو ئي ويو ته سندس دل ڀُڏڻ ئي لڳي. ٻيجل کي يقين هو ته راجا سندس راڳ جي ڦندي مان ڇٽي ڪونه سگهندو ۽ هاڻي هن ۾ اها جرئت ڪانه رهي هئي جو ٻيجل کي نااميد ڪري. چوڪرو مڱڻهار محلات ۾ ٽڪي پيو ۽ هر روز شام جو ٻيپرواهيءَ سان بادشاهه جي ڪمري ۾ داخل ٿي، بنان چوڻ جي پاڻمرادو ساز ڇيڙيندو هو. آخرڪار راجا چيس ته: ”اي ٻيجل، منهنجو سِرُ تنهنجي ڪهڙي ڪم ايندو؟ مون کي اهڙي شيءِ انعام ڏيندي شرم ٿو اچي. منهنجو خزانو وٺ، وڃي موج مزا ڪر.“ پر ٻيجل ڪنڌ ڌوڻي جواب ڏنو ته: ”مون ڪان دان پڇيو اٿو، جو مون توهان کي ٻڌايو آهي. توهان هاڻي پنهنجو وچن ڪيئن نه پاڙيندا. آخر زندگي عزت ڪان سواءِ ڪهڙي ڪم جي؟ انهيءَ ڪري پنهنجو وچن پاڙيو. ان ۾ ئي توهان جو نالو هميشه قائم رهندو ۽ جيڪڏهن قول نه پاڙيندا ته پوءِ ڀل ڪئي حياتي ڪجهه سال بقاءِ ڪري، پر توهان جو مان ۽ شان ته هميشه لاءِ ختم ٿي ويندو.“ راجا کي جواب سمجهه ۾ ئي نه آيو، ڇاڪاڻ ته ٻيجل جي ساز هن جي عقل ۽ سمجهه تي پردا وجهي ڇڏيا هئا، بلڪل اهڙيءَ طرح جيئن پکين ۽ جانورن کي موهت ٿي ڪيائين. راجا بيوس ٿي هن کي ٻڌندو رهيو ۽ ٻيجل هن جي پر ۾ بيهي پنهنجي جادوءَ جو چار راجا کي مضبوطيءَ سان ويڙهيندو ٿي ويو.

آخرڪار راجا ڏياچ راڻيءَ سورٺ کي چيو ته، ٻيجل مان هن جي جند آزاد ڪري. راڻيءَ ٻيجل لاءِ پالڪي موڪلي ۽ راجا وانگر هن به ٻيجل کي آڇا وڳا ويس، هيرا جواهر ۽ هاٿي آڇيا، مگر ٻيجل هڪ به نه مڃي ۽ چيائين ته: ”راجا مون کي وچن ڏنو آهي ۽ جيڪڏهن انهيءَ کي پورو نه ڪيائين ته راجا نه رهندو.“

جڏهن ڏياچ کي خبر پئي ته سورٺ ٻيجل کي مڃائڻ ۾ ڪامياب نه ٿي آهي، تڏهن هو پنهنجي ماءُ راڻي خاتوءَ وٽ ويو ۽ چيائينس ته، هاڻي مان ڇا ڪريان؟ جيڪڏهن هن کي پنهنجو سر ٿو ڏيان ته توکي، پنهنجي راڻين کي، بادشاهت ۽ شان شوڪت کي ڇڏڻو پوندم. پر جيڪڏهن ائين نه ڪيم ته هو مون کي وچن پوري نه ڪرڻ جا طعنا ڏيندو ۽ هن قسم ڪنيو آهي ته سڄيءَ دنيا ۾ منهنجي خواريءَ جي خبر پوندي. راڻي خاتوءَ جواب ڏنو ته: ”منهنجا پٽ! آخر حياتي ڇالاءِ آهي؟ اها هڪ خسيس شيءِ آهي ۽ ڪنهن کي خبر ناهي ته اها ڪيترو هلندي. توکي اهڙو اپهرو وچن نه ڪرڻ گهرندو هو، پر جنهن صورت ۾ هاڻي ڪري ويٺو آهين ته پوءِ توکي اهو پورو ڪرڻو پوندو ته جيئن تنهنجو نالو هميشه لاءِ قائم رهي.“ راجا غمگين ٿي پنهنجي ڪمري ۾ موٽي ويو. انهيءَ شام جو ٻيجل آيو ۽ اچي سرندو وڄايائين. جنهن جهڙو اثر اڳ راجا تي ڪڏهن ڪونه پيو هو. آخر راجا نااميديءَ ۾ اٿيو ۽ پنهنجي تلوار کي ڪڍي هڪ ئي ڌڪ سان پنهنجي سسي لاهي رکيائين. ٻيجل سسي ڪٽي، پنهنجي سرندي کي ڪچ ۾ ڪري، اجمير ڏانهن راهي ٿيو، جتي راجا انيراءِ رهندو هو.

ٻيجل جي ڪارنامي جي خبر سندس پهچڻ کان اڳ ئي پهچي چڪي هئي، سو جڏهن راجا انيراءِ کي خبر پيئي ته هو اجمير کي ويجهو پهتو آهي، تڏهن پنهنجي ماڻهن کي

موڪليائين ته هن کي ماري سندس ملڪ مان ٻاهر ڪڍي ڇڏين، ۽ پوءِ واڪو ڪري چيائين ته جي سڀني کان مٿانهون هندستان جو راجا راءِ ڏياچ به هن جي چار ۾ ڦاسي پيو، جيڪڏهن آءٌ هن کي اجمير ۾ اچڻ جي اجازت ڏيندس ته مون کي به ماري ڇڏيندو. ۽ پوءِ راجا انيراءِ جي سپاهين ٻيجل کي پنهنجي ملڪ مان هڪالي ڪڍي ڇڏيو. هن کي چتاءُ ڏنو ويو ته جيڪڏهن ٻيهر ملڪ ۾ موٽي آيو ته ڪيس جان کان جدا ڪيو ويندو.

آخر ٻيجل پنهنجي ڳوٺ ويو ۽ پنهنجي زال کي ساڻ ڪري موٽي گرنار روانو ٿيو. هو جيئن ئي شهر جي ويجهو ويو، ته هن ماڻهن جو هڪ وڏو ميڙ ڏٺو، جيڪي شهر جي ٻاهر اچي گڏ ٿيا هئا. پڇا تي معلوم ٿيس ته راجا ڏياچ جي زال سورٺ ڏاڍي ئي چڙهي سٽي تي ٿئي. هن اهو نظارو پنهنجي اکين سان ڏٺو. هن ڏٺو ته سورٺ هڪ وڏي چکيا تي چڙهي، جا هن لاءِ تيار ڪرائي وئي هئي. ان کان پوءِ راڻي خاتو به سندس پاسي چڙهي بيٺي ۽ ٻنهي راڻين پنهنجي ماڻهن کي چکيا کي ٻارڻ لاءِ چيو. ٻيجل کي سخت پشيمانيءَ اچي گهيرو ڪيو. هن ڏٺو ته سندس ئي ڪري راجا ڏياچ جي گهر تي ڪيڏي نه مصيبت اچي وئي ۽ پوءِ جيئن باهه جا آلا مٿي اڏاڻا، هي ڊوڙندو ويو ۽ وڃي پاڻ کي باهه ۾ اڇلايائين. هيءُ حال ڏسي ٻيجل جي زال سمجهيو ته راجا انيراءِ جي جواهرن واري ٿالهه وٺڻ ڪري هن ئي پنهنجي مڙس کي موت جي منهن ۾ ڏنو هو، ان ڪري سخت ارمان ٿيس ۽ درد وچان هن به پاڻ کي باهه جي آلن ۾ ڪٽي اڇليو.

## ٨- هير ۽ رانجهو

ڪنهن زماني ۾ چناب نديءَ جي ڪناري تي جهنگ سيال ۾ چوچڪ نالي هڪ بادشاهه راڄ ڪندو هو. ڪيس هير نالي هڪ نينگري هوندي هئي. ڇوڪريءَ جي حسن جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي! ڳچي اهڙي هيس جهڙي ٻدڪ جي ڏگهي ڳچي، اکيون هرڻ جهڙيون ۽ آواز وري ڪوئل جهڙو! مطلب ته خدا جو هڪ رنگ هو. صورت سان گڏ سهڻي سيرت جي به مالڪ هئي. ڏاڍي سمجهو ۽ سياڻي هئي. بادشاهه کيس لاڏ ڪوڏ سان نپايو ۽ رهڻ لاءِ نديءَ جي ڪناري تي هڪ سهڻو محلات ٺهرائي ڏنائينس. هير کي هر طرف گهمڻ جي آزادي هئي. بادشاهه نديءَ جي سير و تفريح لاءِ هير کي هڪ سهڻي ٻيڙي ٺهرائي ڏني هئي، جنهن ۾ هوءَ سواري ڪندي هئي ۽ نديءَ ۾ ڪڏهن اورئين پار ته ڪڏهن لهواري پئي ويندي هئي. سونهن سان گڏ کيس مٺو آواز پڻ مليل هو. رات جو نديءَ جي ٻنهي ڪنارن تي رهندڙ ماڻهو کيس ٻيڙيءَ واري گهر مان ڳائيندو ٻڌندا هئا ۽ ائين محسوس ڪندا هئا ته ڄڻ هير هڪ بلبل هئي ۽ سندس ٻيڙي هڪ پڃرو.

ان ساڳئي وقت، هزارا رياست ۾ وري چار ڀائر حڪومت ڪندا هئا، جن ۾ سڀني کان وڏيڪ بهادر ۽ مقبول رانجهو هو. هڪڙي ڏينهن، هنن وٽ هڪ سياح اچي مهمان ٿيو ۽ هن پنهنجي عادت مطابق مهمان جي وڏي خاطرداري ڪئي. ليڪن ظاهري سک سهنج هوندي به، هي مهمان غمگين پئي نظر آيو. تنهن تي شهزادي رانجهو هن کان ان حالت جو سبب پڇيو. بس، هن جي پڇڻ جي دير هئي. مسافر اچي احوالن ۾ پيو، چيائين ته: ”شهزادا، مون کي ٻي ته ڪابه تڪليف نه آهي، فقط منهنجا خيال ۽ دل پنهنجي شهر جهنگ سيال ۾ آهن ۽

جسماني طرح تہ وٽ مهمان آهيان. آتي جو چوچڪ نالي هڪ بادشاهہ حاڪم آهي ۽ آتي سنڌس شهزادي هير بہ رهي ٿي. شهزادي هير جي سونهن بيان ڪرڻ لاءِ مون وٽ الفاظ نہ آهن، فقط محسوس ڪري سگهان ٿو. انڪري، جيڪڏهن اڄ تون مون کي غمگين ڏسين ٿو، تہ ان جو سبب هي آهي تہ مان بہ پنهنجي شهر جي ڪيترن نوجوانن وانگر، پنهنجي دل هير جي حوالي ڪري چڪو آهيان ۽ دراصل منهنجي سفر اختيار ڪرڻ جو مقصد بہ اهو هو تہ ڪنهن طرح سان هن غمگين ۽ اداس دل کي ڪنهن شين طرف رجوع ڪري، پنهنجو غم غلط ڪريان."

هن ڳالهہ ٻڌڻ کان پوءِ، شهزادي جي دل ۾ هڪ عجيب احساس پيدا ٿيو ۽ دل جي تسڪين لاءِ مسافر کي هير جي سونهن بيان ڪرڻ لاءِ گذارش ڪيائين. مسافر هير جي حسن جو بيان اهڙن لفظن ۽ تشبيهن سان ڪيو جو ڳالهہ ختم ٿيڻ وقت شهزادو رانجهو، پنهنجي پاڻ تان قبضو وڃائي ويٺو ۽ چوڻ لڳو تہ: "مان وعدو ٿو ڪريان تہ هن حسن جي حور کي ضرور ڏسندس يا تنهنجي اکيان پنهنجو سر ويڙيندس." مسافر جواب ۾ چيس تہ: "اي شهزادا، مرڻ يا مارڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. تون خود شهزادو آهين. تون هير جي سڱ لاءِ سندس پيءُ ڏانهن پيغام موڪلي سگهين ٿو."

شهزادي رانجهو، چوچڪ بادشاهہ ڏانهن پيغام ان ڪري نہ پئي موڪليو جو کيس انڪار جو خطرو هو. پئي پاسي هير جي بيان ڪيل تصوير هن جي سامهون کيس وڌيڪ پريشان ڪندي رهي ۽ آخر اهڙو وقت آيو جو هن جو کاڌو پيتو حرام ٿي ويو. شهزادي جي هيءَ حالت ڏسي، سندس ڀائرن هڪ سازش سٽي ۽ هڪ ڏينهن شهر مان لوڌي ٻاهر ڪيائونس ۽ سندس حڪومت جو حصو بہ پاڻ ۾ ورهائي ڪنيائون.

پنهنجي بادشاهي وڃائي آهي ۽ فقيراڻي ويس ۾ زندگي اختيار ڪئي آهي، تڏهن هير جي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا. ان کان پوءِ هير چوڻ لڳي ته ”اي منهنجي دل جا مالڪ، تنهنجو هتي منهنجي هن پيڙيءَ واري گهر ۾ رهڻ خطري کان خالي نه آهي. تنهنجي رهائش واري ڳالهه فوراً منهنجي پيءُ تائين پهچي ويندي ۽ هو توکي جيئرو نه ڇڏيندو.“ ان کان پوءِ ٿورو سوچي، هير چوڻ لڳي ته ”مون کي هڪ ترڪيب سُجهي آئي آهي. توکي ميهار جي شڪل ۾ ويس اوڍڻو پوندو. ان کان پوءِ جيڪڏهن تون منهنجي پيءُ وٽ مينهن چارڻ جي نوڪري حاصل ڪندين ته پوءِ اسان جو ملڻ آسان ٿي پوندو. تون مينهن کي درياهه جي ڪناري تي چارڻ جي بهاني سان وٺيو ايندين ۽ مان تفريح جي سانگي هن پيڙيءَ ۾ چڙهي روزانو تو سان ملي سگهنديس.“ ان تي شهزادو ٿورو مشڪيو ۽ ميهار جا ڪپڙا پائي پيار مان، هير کان موڪلايائين. ان کان پوءِ هير سيدي ماءُ وٽ آئي ۽ اچي چيائينس ته: ”اسان جي مينهن جي چارڻ جو خاطرخواه بندوبست نه آهي ۽ اهوئي سبب آهي جو آهي وڏن ويجهن کونه ٿيون. اسان کي اهڙين مينهن مان ڪو فائدو ڪونه ٿو پهچي. دراصل اسان جي مينهن لاءِ هڪ هوشيار ميهار جي ضرورت آهي. مون اڄ اهڙو ميهار هٿ ڪيو آهي، جيڪو هزارا جو آهي ۽ ان ڪم ۾ بيحد ڀروسي جهڙو آهي. منهنجو خيال آهي ته ان کي پاڻ وٽ نوڪريءَ ۾ رکون.“ اهو ٻڌي، سندس ماءُ ان ڳالهه تي رضامند ٿي ۽ ڏينهن جو جڏهن رانجهو سمجهايل طريقي موجب پاڻ کي ميهار جي نوڪريءَ لاءِ آڇيو، تڏهن راڻي کيس هڪ هزار مينهون چارڻ لاءِ ڏنيون.

رانجهوءَ کي انهيءَ نوڪريءَ ملڻ تي هير کان وڌيڪ خوش ڪوبه ڪونه ٿي نظر آيو، پوءِ ته هوءَ روزانو پيڙيءَ ۾ چڙهي چناب درياهَ جي ڪناري تي، رانجهوءَ سان خوب

لاءِ پاڻي، ليڪن تنهن هوندي بہ، رانجهو رڳو انهيءَ اميد تي زنده پئي رهيو تہ شايد ڪنهن وقت پنهنجي محبوب جو ديدار ڪري سگهي. اها اميد غلط ڪانہ ثابت ٿي. شهزادي هير قيد ۾ اهڙي حالت ۾ هئي جو سندس ماءُ کي هن جي مري وڃڻ جو خطرو اچي لڳو ۽ بادشاهہ کي منٿون ميڙون ڪري شهزادي کي آزاد ڪرايائين. بس، آزاد ٿيڻ جي دير هئي! قيد مان نڪري، هير جهنگ منهن ڪيو ۽ آئي اچي نڪتي، جتي رانجهو هن جي لاءِ انتظار جون گهڙيون گذاري رهيو هو. ٻئي پياسي پاڻ ۾ مليا. ٿورو وقت آئي رهي، هير محلات ۾ موٽي آئي. ان ڏينهن کان پوءِ روزانو رانجهو سان ملڻ ايندي هئي ۽ ان لاءِ ڪائي پيئڻ جون شيون بہ پاڻ سان کڻندي هئي.

بهرحال، هير جو مامو پنهنجيءَ ڀاڻيجيءَ تي نظر رکندو پئي آيو. هن کي هڪ ڏينهن هير متعلق الائي ڪيئن شڪ پئجي ويو، سو فقير جو ويس ڍڪي، هن جي پٺيان جهنگ ۾ ويو ۽ وڃي رانجهو جو پتو لڳايائين. ان کان پوءِ موٽي اچي سمورو قصو بادشاهہ کي ٻڌايائين. هن دفعي بادشاهہ کي هير سان همدردي ٿي ۽ جيڪڏهن سندس پٽ رضامند هجن ها تہ هوند ٻنهي جي شادي ڪرائڻ کان نہ ڪيٻائي ها. ڀريائين تہ هي چارئي گڏجي رانجهوءَ کي ختم ڪرڻ جي خيال سان جهنگ ۾ ويا، ليڪن رانجهو ايڏو جريت وارو بهادر مرد هو جو هنن چئني کي ماري ڀڄائي ڪڍيائين، ان کان پوءِ هنن هڪ بي رٿ ڪئي. پاڻ ۾ گڏجي، نورنگ پور جي بادشاهہ نورنگ وٽ ويا ۽ ان جي پٽ خيرو سان پنهنجي ڀيڻ هير جو مڱ ڪيائون. شهزادي خيرو خوشيءَ سان هير سان شادي ڪرڻ قبول ڪئي. ان کان پوءِ ان جا ڀائر موٽي آيا ۽ اچي ڀيڻ کي شاديءَ لاءِ حڪم ڪيائون. جنهن وقت عورتون هير کي ميندي لڳائڻ لاءِ سندس ڪمري ۾ داخل ٿيون، تڏهن

هير کين پنهنجي ڪڍيو ۽ شادي ڪرڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو.

هي حال ڏسي، سيئي ڏاڍا مايوس ٿيا ۽ سندس پيءُ هير کي قاضيءَ وٽ وٺي آيو. ٻهريائين تہ قاضيءَ نرميءَ سان هير کي سمجهائڻ لڳو تہ: ”اي ڌيءَ! توکي پرديسيءَ سان محبت نہ ڪرڻ گهرجي، توکي ان سان پيار ڪرڻ گهرجي، جنهن کي تنهنجا والدين تنهنجي لاءِ چونڊين ٿا.“ ليڪن هير انهن ڳالهين ۾ اچڻ واري نہ هئي. هوءَ اڳتي وڌي، قاضيءَ کي چوڻ لڳي تہ: ”اي قاضي! محبت جي معنيٰ مان تون ڇا ڄاڻين؟ مون جيڪڏهن، پنهنجي والدين جي سڌ کانسواءِ پيار جي پيالي مان ڍڪ پيتو آهي، تہ مون کي ايتري تہ خبر پئي آهي تہ ان پيالي ۾ ڇا آهي؟“ انهيءَ تي قاضيءَ کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي ۽ جوش مان چوڻ لڳو تہ: ”تون پاپڻ آهين ۽ تو وڏو پاپ ڪيو آهي. والدين جي نافرماني ڪري، تو مذهبي حڪم جي حد لتاڙي آهي.“ ائين چئي، قاضي ڪتاب کولي، ڪجهہ پڙهي ٻڌائڻ وارو هو، پر هير هڪ بہ نہ ٻڌس ۽ چوڻ لڳس تہ: ”شل توتي خدا جو قهر پوئي! مان ڇا ڄاڻان تنهنجي مذهبي بحثن مان. مون کي تہ زبر ۽ زير جي فرق جي بہ خبر ناهي. مون کي انهن ڳالهين جي ڪهڙي پرواه آهي تہ ’الف‘ الله لاءِ آهي، ’ميم‘ محمد لاءِ ۽ ’عين‘ علي لاءِ. تون چوين ٿو تہ اهي ڪتاب آسمان کان آيا آهن ۽ ان هوندي بہ تون انهن مان محبت جا اصول ڪونہ ٿو ڳولي سگهين. جيتوڻيڪ پيار بہ ايترو ئي آڳاٽو آهي، جڏهن هو پنهنجي دل جي آئيني ۾ پنهنجي معشوق کي صاف ڏسي سگهي ٿو.“ هي ڪتا جواب ٻڌي، قاضي زور سان چوڻ لڳو تہ: ”هن کي وٺي وڃو ۽ وڃي قتل ڪريوس، ڇو تہ هوءَ هاڻي زنده رهڻ لائق نہ آهي.“ ليڪن پيءُ پنهنجيءَ ڌيءَ کي ڪيئن مارائيندو؟ آخر هن هير کي زبردستي نورنگ پور

ڏانهن موڪليو، جتي سندس شادي سندس خواهش خلاف زبردستيءَ کيڙوءَ سان ڪرائي وئي.

ان وچ ۾، رانجهو فقيراڻو لباس پائي، نورنگ پور ۾ پهتو، جتي هير جي گهر وٽان لنگهڻ وقت، هير جي نڻان جي همدردي حاصل ڪري ورتائين. ان جي مدد سان، پنهنجي اچڻ جي خبر هير تائين پهچايائين. هڪ ڏينهن مکر ڪري، هير وڃي دانهون ڪيون. هن جي دانهن تي سڄي گهر جا ڀاتي اچي مڙيا ۽ پڇا تي ٻڌايائين ته کيس نانگ ڪاٽي وڌو آهي. بس، پوءِ ته اچي شاهي گهر ۾ مانداڻ متو. بادشاهه جي دربار جا حڪيم طبيب آندا ويا، ليڪن نانگ ڏنگيو هجي ته فائدو ٿئي! آخر، هير جي نڻان سهتي، چوڻ لڳي ته: ”ٻڌو اٿم، ته شهر ۾ هڪ نئون فقير آيو آهي، جو نانگ جي ڏنگيل جو علاج ڪري ڄاڻي ٿو. ان کي گهرايو وڃي. شايد ان جي منترن سان هير کي آرام ملي.“ بادشاهي حڪم موجب، فقير کي آندو ويو، جنهن ڏسي يڪدم چيو ته: ”هن شهزاديءَ جو علاج اڪيلائي ۾ ڪري سگهجي ٿو. جڏهن گهر جا سڀئي ڀاتي ٻاهر نڪري ويا ۽ هير رانجهو وڃي ڪمري ۾ رهيا، تڏهن هنن پيار وچان هڪ ٻئي کي خوب ڀاڪر پاتا. ان کان پوءِ هير رانجهو سان ايندڙ رات محلات ڇڏي ڀڄڻ جو وعدو ڪيو. ۽ پوءِ ڪمري کان ٻاهر ويٺل ماڻهن کي خوش ڪرڻ لاءِ رانجهوءَ وڏي آواز سان ”منتر“ پڙهڻ شروع ڪيا. ٿوري دير کان پوءِ، رانجهو ٻاهر وڃي، انتظار ۾ ويٺل ماڻهن کي ٻڌايو ته منتر هير تي اثر ڏيکاريو آهي ۽ هوءَ هاڻي بلڪل آرام ۾ آهي. ان کان پوءِ رانجهوءَ کي وڏا انعام ڏنا ويا.

انهيءَ رات وعدي مطابق، هير محلات مان نڪري، شهر کان ٻاهر وڃي رانجهوءَ سان ملي ۽ هي ٻئي هزارا ڏانهن

روانا ٿيا. نورنگ پور جي بادشاهه هير ۽ رانجهي کي هٿ ڪرڻ لاءِ جهنگ سيال واري رستي سان وٺي گهوڙا ڀڄايا، ڇو ته هن ائين سمجهيو هو ته هير ضرور پنهنجي وطن ويٺي هوندي، تنهنڪري ناڪامي ڏسڻي پيس.

رستي جي ڏکن ڏاکڙن ڪان پوءِ، رانجهو هير کي هزارا ۾ آڻي ڪڍيو. جڏهن ان کي سنڌس رعيت ڏٺو، تڏهن هنن ۾ خوشيءَ جي لهر ڊوڙي وئي. دراصل قصو هن ريت هو ته رانجهو جي ڀائرن ظلم ۽ جبر سان حڪومت پئي هلائي، جنهن ڪري رعيت بيزار ٿي چڪي هئي. ان ڪري رانجهو کي ڏسندي ئي ماڻهن ۾ نجات حاصل ڪرڻ جي اميد جاڳي. هو هزارن جي تعداد ۾ انقلاب لاءِ نڪري پيا ۽ رانجهوءَ جي ظالم ڀائرن کي بلڪل اهڙيءَ طرح محلات سان هڪالي ڪڍيائون، جهڙيءَ طرح ڪجهه وقت اڳ کيس سندس ڀائرن ڪڍيو هو. اهڙيءَ طرح رانجهو پنهنجي پيءُ جي سڄيءَ حڪومت جو بادشاهه تسليم ڪيو ويو. اتي هن وڏي شان ۽ دٻدٻي سان شهزادي هير سان شادي ڪئي ۽ ڪيترن سالن تائين پنهنجي محبوب راڻيءَ سان گڏجي راڄ ڪيائين.

# ٩- بيرسنگ ۽ سُندر ٻائي

آڳاٽي وقت جي ڳالهه آهي ته سيلا رياست ۾، ڪيسرسنگ نالي هڪ راجا راڄ ڪندو هو، جنهن کي سُندر ٻائي نالي هڪ ڌيءَ هئي. بادشاهه جي لاءِ سُندر ٻائي ڌيءَ نه هئي، پر هڪ خزانو هو، جنهن کي ڏسي پيو گدگد ٿيندو هو. شهزاديءَ جي گُڻن جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي. ٿوري ئي وقت ۾ سنسڪرت زبان ۾ ماهر ٿي ويئي هئي ۽ حڪمت تي سمورا ڪتاب پڙهي، پڙ ٿي هئي. مذهبي شاستر سڀ پڙهيا هئائين. ٻئي پاسي وري حسن جي ميدان ۾، هندوستان ۾ سندس ڪو مَٽُ ثاني نه هو. اهڙيءَ طرح سُندر ٻائي نالو واقعي سندس صورت ۽ سيرت سان ٺهڪي ٿي آيو.

باوجود ايتري علم ۽ ڄاڻ جي، سُندر ٻائيءَ ۾ هَٺُ ۽ وڏائي ڪانه هئي ۽ پنهنجي سهيلين سان راند روند ۽ ٻين ڳالهين ۾ شرمائيندي ڪانه هئي. هوءَ هڪڙي ڏينهن پنهنجي سهيلين سان گڏ، پنهنجي پيءُ جي باغ ۾ راند ڪري رهي هئي، انهيءَ باغ جي خوبصورتيءَ جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي. سڄي باغ ۾ وڏا وڏا وڻ هئا، جن جي ڇانوَ ڏاڍي گهاٽي ۽ ٿڌي هوندي هئي. ان ۾ بهترين خوشبوءِ وارا عجيب عجيب گلن جا ٻوٽا هوندا هئا، جن جو هڳاءُ پري پري تائين پهچندو هو. اهڙي ٿڌڪار ۽ خوشبوءِ جي وچ ۾ محلات جي عمارت هئي، جنهن ۾ ان وقت جي معلومات مطابق، سڀئي عيش و آرام جون شيون موجود هيون. اهڙي محلات ۾ ڏينهن جي گرمي گذارڻ ڪان پوءِ، سندرٻائي پنهنجي سهيلين سان گڏ باغ ۾ کيڏي رهي هئي.

خدا جي قدرت اهڙي ٿي، جو ان ڏينهن ولهپرا جو راجڪمار بيرسنگ بہ اوڏيءَ مهل آتي اچي سهڙيو. ڏينهن جو شڪار جي خيال سان پنهنجي دوستن سان نڪتو هو ۽ جهنگ ۾ دوستن کان جدا ٿي هتي اچي پهتو هو. هو آرام ڪرڻ جي ارادي سان، راجا ڪيسرسنگ جي باغ ۾ لنگهي آيو هو ۽ گهاٽن وڻن جي جهڳٽي هيٺ ليٽي پوڻ لاءِ گهوڙي جو هنو لاهي، ٻيڙ وڇايو هٿائين. اچان سمهڻ واروئي هو تہ پرسان ڪنهن جي ڳائڻ جو آواز ٻڌائين، جنهنڪري پنهنجي تَڪَ کي وساري ان آواز طرف وڌڻ لڳو. چاهيائين ٿي تہ آتي وڃي پاڻ بہ راڳيندڙن سان شريڪ ٿي تفريح وٺي، ليڪن انهن جي پرسان پهچڻ تي ڏٺائين تہ ڇوڪرين جي ٽولي ڳائي رهي هئي، تنهنڪري انهن وٽ وڃڻ بيرسنگ کي چڱو نظر نہ آيو ۽ وڻن جي اوٽ ۾ ويهي ڇوڪرين جا گيت ٻڌڻ لڳو.

جڏهن ڇوڪرين گيت ڳائڻ ختم ڪيا، تڏهن سڀيئي پاڻ ۾ گفتگو ڪرڻ لڳيون. هڪ چيو: ”جڏهن مان شادي ڪنديس، تڏهن پنهنجي مڙس کي پاڻ سان نرميءَ سان هلڻ سيکاريندي يس. اڪثر ڪري ائين ٿئي ٿو تہ مڙس پنهنجي زال کي جتيءَ وانگر لتاڙيندو رهي ٿو، حالانڪ زال کان سواءِ مرد بيڪار آهي.“ اهو ٻڌي شهزادي سندر ٻائي چوڻ لڳي تہ: ”تون درست چوين ٿي. ليڪن مون تہ شهزادي بيرسنگ سان شادي ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪيو آهي جو ولهپرا جي راجا جو پٽ آهي. شاديءَ کان پوءِ مان کيس اهڙيءَ طرح هلائينديس جو هو ٻيءَ ڪنهن بہ عورت ڏانهن نہ نهاريندو ۽ جيڪڏهن هُن مون کي منهنجي خواهش مطابق نہ هلايو تہ پوءِ مان کيس پنهنجي بهادري ۽ جرئت سان اهو ڏيکاريندي يس تہ عورت مرد کان ڪنهن بہ طرح گهٽ ناهي. ان کان پوءِ تہ يقيناً شرم وچان مون سان محبت ڪرڻ ۽ منهنجي عزت ڪرڻ

تي مجبور ٿيندو ۽ منهنجي چوڻ مطابق هلندو.“ ان کان پوءِ ٽينءِ ڇوڪريءَ چيو ته: ”ٻڌو ڪي ان ڳالهه جو يقين ٿي سگهي ٿو ته راجڪمار ٻي زال ڪين پرڻبو؟“

راجڪمار ٻيرسنگ هي سموريون ڳالهيون ڪَنَ لائي ٻڌي رهيو هو. هو ڇوڪرين جي ڳالهائڻ مان اهو اندازو لڳائي ويو ته پهريون نمبر ڳالهائيندڙ ڇوڪري ڪماري سندر ٻائي هئي، تنهنڪري هُنَ آتي وڌيڪ ترسڻ مناسب نه سمجهيو. راجڪمار جلديءَ ۾ باغ مان نڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ٻاهر نڪرڻ کان اڳ هُنَ هڪ دفعو سندر ٻائيءَ کي ڏٺو- ڇا سندس سونهن هئي! راجڪماريءَ جو منهن چوڏهينءَ جي چنڊ وانگر گول ۽ روشن هو ۽ پوري بناوت لاثاني هئي.

راجڪمار گهوڙي تي هنو رکي ۽ لغام سنڀاليو. جڏهن ٻاهر آيو، تڏهن ماڻهن کان ان باغ بابت پڇيائين، جن ٻڌايس ته اهو باغ سندر ٻائيءَ جو آهي. ان تي کيس يقين ٿيو ته مٿي ڳالهائيندڙ سندر ٻائي هئي، جنهن جي سونهن ۽ علم گهڻو مشهور هو. بس، پوءِ ته پنهنجي دل ۾ اهو فيصلو ڪيائين ته سندر ٻائيءَ کي پنهنجي ڪنوار ضرور بڻائيندس.

گهر پهچڻ کان پوءِ راجڪمار کي آرام نه پئي آيو. هن پنهنجي پيءُ کي ٻڌايو ته مان ڪيسرسنگ جي ڌيءَ سان شادي ڪرڻ چاهيان ٿو. راجا کي معلوم هو ته ولڀرا ۽ سيلا جا خاندان سماجي طرح هڪڙي جو مٽ ثاني هئا، تنهنڪري ميٽيءَ لاءِ ڪيسرسنگ ڏانهن هڪ پنڊت موڪليائين، جنهن وڃي ٻڌايو ته سيلا جي راجا جي خواهش آهي ته سندس پٽ جي شادي راجڪماري سندر ٻائي سان ٿئي. هي احوال ٻڌي ڪيسرسنگ، سندر ٻائيءَ جو سنگ ڏيڻ قبول ڪيو ۽ ان کان پوءِ وڏي ڌام ڌوم سان شادي ڪئي وئي ۽ راجڪماري سندر ٻائي کي راجائي سواريءَ ۾ راجڪمار ٻيرسنگ جي محلات ۾ پهچايو ويو.

نوجوان راجڪمار، سندرباءِ جو اهو امتحان وٺڻ ٿي چاهيو، جنهن جو هوءَ پنهنجي سهيلين سان واعدو ڪري چڪي هئي، تنهنڪري راجڪمار چاٽي واٽي پهرينءَ رات سندرباءِ جي ويجهو نہ ويو، جنهن تي هن کي ڏاڍو تعجب لڳو ۽ سندس ٻانهين ۽ سهيلين کي ان ڪان بہ وڌيڪ حيرت لڳي. ليڪن راجڪماريءَ ان غم کي پنهنجي منهن تي آڻڻ نہ ڏنو، خوشيءَ ۽ اطمينان سان گذارڻ لڳي.

هڪ ڏينهن راجڪماريءَ جي ساهيڙيءَ کيس چيو تہ اڄ ائين سال جو ڏينهن آهي ۽ مندر ۾ ماڻهن جو وڏو مجموعو لڳو آهي، تون بہ اسان سان گڏجي هلي اهو ڏس. ائين ڪرڻ سان تنهنجي طبيعت ۾ بہ تبديلي ايندي. اهو ٻڌي سندرباءِ تياري ڪئي ۽ راجائي سواريءَ ۾ پنهنجي سهيلين ۽ ٻانهين سان گڏ مندر ۾ پهتي. اهو بندوبست ڪيو ويو هو تہ جنهن وقت راجڪماري مندر ۾ اندر داخل ٿئي، ان وقت ڪوبہ مرد ماڻهو اندر نہ ڇڏيو وڃي. جڏهن سندرباءِ جي هن روانگيءَ جي خبر بيرسنگ کي پئي تہ ان بہ پنهنجي دربانن سان گڏجي مندر جو رستو ورتو. دراصل هن اهو ڏسڻ ٿي چاهيو تہ سندرباءِ اتي وڃي ڇا ٿي ڪري. راجڪمار کي اندر وڃڻ کان ڪير ٿي منع ڪري سگهيو؟ هو اندر داخل ٿيو ۽ مخفي طرح سندرباءِ جي پٺيان وڃي بيٺو. سندرباءِ ان وقت پرارٿنا ۾ مستغرق هئي ۽ وڏي آواز سان چئي رهي هئي تہ: "اي، عالم جي راڻي! منهنجي مڙس جا سڀ ڪم سولا ڪر!" اهو چئي جيئن ئي سندرباءِ پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪيو تہ راجڪمار بيرسنگ سامهون بيٺل ڏٺائين جو سندس پرسان اچي بيٺو هو. بيرسنگ طعنو هڻندي سندرباءِ کي چيو تہ: "چا، اهوئي طريقو آهي پنهنجي مڙس کي بهادري ۽ جريت سان حاصل ڪرڻ جو، جنهن جو وعدو تون پنهنجي سهيلين کي ڏئي چڪي آهين؟"

جڏهن سندر ٻائي پنهنجي مڙس جو هيءُ طعنو ٻڌو، تڏهن سمجهي ويئي ته باغ ۾ سهيلين سان ڪيل ڳالهيون شايد هن ٻڌيون آهن. ان تي ٻئي هٿ ٻڌي سندر ٻائي وراڻيو ته: ”اي، منهنجي زندگيءَ جا مالڪ! عورتون موڪ آهن، ڇوڪريءَ جي ڳالهه ڪي ڪهڙي اهميت! منهنجي ان اعلان کي ڪابه اهميت نه ڏي. پنهنجي عقل جي وسعت ۾ مون کي معاف ڪري ڇڏ.“ پر بيرسنگ تي انهيءَ التجا ڪوبه اثر نه ڪيو. هو چوڻ لڳو ته: ”جيستائين تو پنهنجي وعدي کي پاڙي نه ڏنو آهي ۽ جيئن تو چيو آهي تيئن نه ڪيو آهي، تيستائين مان تنهنجي محلات ۾ پير نه وجهندس.“ ائين چئي راجڪمار بيرسنگ مندر کان ٻاهر نڪري ويو. سندر ٻائي ڪجهه وقت ته مايوسيءَ جي عالم ۾ بيرسنگ کي ڏسندي رهي، پر پوءِ دل ۾ سوچيائين ته: ”جيڪڏهن مون کي مڙس جي محبت حاصل ڪرڻي آهي ته ان لاءِ مون کي بهادري ۽ جرئت ڏيکارڻي پوندي.“ ائين چئي مندر کان ٻاهر نڪتي ۽ محلات ۾ موٽي آئي.

ان کان پوءِ سندر ٻائي انهيءَ ڳالهه تي ڪيترا ڏينهن ۽ راتيون سوچيندي رهي ته ڪيئن ڇا ڪرڻ گهرجي، پر ڪا ترڪيب دماغ ۾ نه پئي آيس. آخر هن نهايت پريشانيءَ ۾ هڪ رات محلات ڇڏي ڀڄي نڪرڻ جو ارادو ڪيو. ليڪن محلات مان نڪرڻ ڪو سؤلو ڪم نه هو. آخر هڪ ڏينهن پنهنجي پيءُ کان مليل مُنڊي آڱر مان لاهي ٻانهيءَ کي ڏنائين ۽ کيس چيائين ته: ”هيءَ منڊي منهنجي پيءُ کي وڃي ڏي ۽ عرض ڪر ته ان جي ٽڪ پنهنجي جاءِ تان ترڪي پئي آهي، سا مهرباني ڪري درست ڪرائي ڏيو.“ حڪم ٻڌڻ کان پوءِ ٻانهي يڪدم اها منڊي پاڻ سان کڻي سيلا رياست ۾ پهتي ۽ اتي وڃي راجا کي سندس نياڻي جي نياپي سان گڏ اها منڊي به ڏنائين.

ڪيائين. رتن سنگهہ پاڻ سان گڏ ماريل شينهن جا ڪن ۽ پڇ به ڪٽي آيو. ٻير سنگهہ کي هي ڏسي، بيحد خوشي ٿي ۽ ان خوشيءَ ۾ رتن سنگهہ کي پاڻ سان وٺي راجا جي دربار ۾ آيو. راجا رتن سنگهہ جي ڪارنامي کان ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ ان ڏکئي ڪم جي سرانجامي عيوض کيس هڪ قيمتي چوغو عطا ڪيائين ۽ هڪ جاگير به ڏنائين.

هڪ ڏينهن ان کان به وڌيڪ اهم واقعو رونما ٿيو. شڪار ڪرڻ جي ارادي سان راجا رتن سنگهہ کي ساڻ ڪري، جهنگ ۾ هليو ويو. پر واري راجا جي جاسوسن اهڙي خبر کيس ڏني، ان کي سونهري موقعو ڄاڻندي، هن راجا، راجپوت راجا جي ملڪ تي حملو ڪيو. ٻيرسنگهہ، جو خود بيمار هو، هن جو مقابلو ڪري نہ سگهيو، پر پاڻ به قيدي ٿي پيو. هن خبر راجپوت راجا کي ڏاڍو ملول ڪيو ۽ ان پريشاني ۾ دانهن ڪري چوڻ لڳو تہ: اي جگر ٻيرسنگهہ، مون کي تنهنجي جدائي ماري ٿي. مون کي اهو پڪ آهي تہ دشمن ڪٿي توکي نہ ماري ڇڏي. تو کان سواءِ مان ڪيئن زنده رهي سگهندس؟ جيڪڏهن تون اڄ هن حالت ۾، مون سان هجين ها تہ مان پنهنجي بادشاهي، تلوار جي زور تي واپس وٺي سگهان ها."

راجا جي اهڙي پريشاني رتن سنگهہ کي وڌيڪ پريشان ڪيو. هن ٻيڙي راجا کي آٿت ڏنو ۽ چيو تہ راجا ڪيسر سنگهہ، منهنجو عزيز آهي، مون کي اجازت ڏيو تہ ان کان لشڪر جي مدد وٺي اچان.

اجازت وٺي رتن سنگهہ سيلا رياست ڏانهن گهوڙو ڊوڙايو ۽ راجا ڪيسرسنگهہ کي سڄو قصو ٻڌايائين. راجا کان هوشيار تيرانداز نوجوانن جو جٿو وٺي رتن سنگهہ ٻيڙي راجا وٽ موٽي آيو ۽ کيس اچي دلداري ڏنائين. ان کان پوءِ تيراندازن کي چئن حصن ۾ ورهايائين. ٽن حصن کي ولهپرا

ٻس ان شڪ جو شڪار ٿيندي ئي مياڻ مان تلوار ڪڍي، محلات جي ڏاڪڻ تان سندرٻائيءَ جي ڪمري جو رخ رکيائين. پنهنجي ڪمري ۾ سندرٻائي اڪيلي هئي، ۽ ٻيرسنگهه کي پاڻ ڏانهن ايندو ڏسي کيس کلي ڪيڪار ڪيائين. سندس هن قسم جي نماڻائيءَ شهزادي ٻيرسنگهه جي زخمن تي لوڻ جو ڪم ڪيو. هن رڙ ڪري چيو ته: ”اي دغاباز ۽ مڪار عورت، تنهنجو رتن ڪٿي آهي؟“ هي ٻڌي حيرت مان سندرٻائي پڇڻ لڳي ته: ”اي منهنجي دل و جان جا مالڪ، توهان ڇا ڳالهائي رهيا آهيو؟“ هن سوال راجڪمار جي غصي ۾ اضافو ڪيو. هو چوڻ لڳو ته: ”اي، ڪوڙي، بيوفا عورت، تون منهنجي سوال جو مفهوم چڱيءَ طرح ڄاڻين ٿي. مان پڇان ٿو ته تنهنجو عاشق رتن ڪٿي آهي جو توسان لڪل رستي مان اچي، ملاقاتيون ڪندو هو. مان ان کي تلوار سان ٽڪر ٽڪر ڪرڻ چاهيان ٿو ۽ ان کان پوءِ تنهنجي سيني ۾ خنجر هڻندس.“ هي ٻڌي، سندرٻائي ٻاهر نڪري، ٻيرسنگهه سامهون ٿي بيٺي ۽ نوڙت سان چوڻ لڳي ته: ”اهڙي موت کان وڌيڪ ٻيو مون کي ڇا گهرجي؟ مون کي مارڻ کان اڳ، توهان منهنجي منهن کي چڱيءَ طرح گهوريو، شايد توهان پنهنجي دوست رتن کي لهي سگهو، جنهن تي هيئنر ايڏو سخت غصو ٿيو اٿوَ.“

ٻيرسنگهه، سندرٻائيءَ جي منهن ۾ ڏٺو، جو مشڪي هن کي شرمائي رهيو هو. هڪدم سندرٻائي کي رتن سنگهه تسليم ڪيائين — اهو رتن سنگهه، جنهن سندس پيءُ جو تخت بچايو هو ۽ سندس زندگي بچائي هئي. بس پوءِ ته معافيءَ لاءِ سندرٻائيءَ جي پيرن تي ڪري پيو، پر سندرٻائي کيس چيڙائڻ جي ارادي سان چوڻ لڳي ته: منهنجا محبوب! پنهنجي زبان سان هاڻي چئو ته جيڪي مون پنهنجي باغ ۾ سهيلين سان وعدو ڪيو هو، اهو پورو ڪيم ۽ عورتون به جرئت ۽ ٻهادريءَ ۾ مردن کان گهٽ نه آهن.“

ٻير سنگهه، ٻيار مان، کيس ٻاڪر پاتو ۽ معافيءَ لاءِ ٻوبارہ چيائين جا سنڌ رٻائي کيس ڏني. ان کانپوءِ ٻير سنگهه، سنڌ رٻائيءَ کي هٿ کان وٺي پيءُ جي دربار ۾ آيو ۽ کيس پنهنجي خطرناڪ ڪارنامن بيان ڪرڻ لاءِ چيائين. سنڌ رٻائيءَ سمورو قصو ٻيرائتو ڪري راجا کي ٻڌايو.

ان ڏينهن کان پوءِ ٻير سنگهه، سنڌ رٻائيءَ جي محبت ۾ چريو ٿي پيو ۽ سندس خوبين جو پورو اندازو لڳايائين ۽ سندس موت تائين ٻيءَ عورت سان شادي ڪرڻ جو ڪڏهن به خيال نه ڪيائين.

ڏينهن کامسين ڏانهن خط موڪليو، جنهن ۾ کيس گذارش ڪيائين تہ جلدي، ڪنهن بہ طرح کيس اچي پنهنجو ڪري.

راجڪماريءَ جو هيءُ خط هڪ خاطيءَ کي ڏنو ويو، جو فقير جي لباس ۾ ماگرور شهر کي گهيرو ڪندڙن مان لنگهي بادشاهي قلعي وٽ وڃي پهتو. قلعي وٽ پهچڻ کان پوءِ، هن کامسين جي سپاهيءَ کي ڪَن ۾ ٻڌايو تہ کيس راجڪمار سان ملائي. ملاقات ۾ هن اهو خط راجڪمار کي ڏنو، جنهن پڙهي يڪدم جواب ۾ کيس خط لکي ڏنو، جنهن ۾ کامروپ کي يقين ڏنائين تہ هو کيس ضرور پنهنجو ڪندو، ليڪن ٿورو وقت انتظار ڪري، هي خط راجڪماريءَ کي پهچايو ويو.

هوڏانهن ماگرور تي حملو ڪندڙ شهر ۾ داخل ٿي نہ سگهيا ۽ آخر نااميد ٿي پنهنجي ملڪ موٽي ويا. ان کان پوءِ ماگرور جي ماڻهن راجڪمار کي راجا جي جاءِ تي پنهنجو حاڪم تسليم ڪيو ۽ ڏاڍيون خوشيون ڪيون.

پيءُ جي وفات جي صدمي ۽ سندس راجا ٿيڻ جي خوشيءَ بہ کامسين جي دل تان کامروپ جي يادگيري نہ فنا ڪئي. راجا ٿيڻ کان پوءِ يڪدم پنهنجا امير ۽ وزير گهرايائين ۽ کين چيائين تہ مون کي کامروپ ڪنهن بہ طرح حاصل ڪرڻ گهرجي. توهان حڪومت کي سنڀاليو تہ مان وڃي اهو ڪم سرانجام ڏئي اچان. راجا جي هن ارادي وزيرن کي ڏاڍو خوفزده ڪيو. هو عرض ڪرڻ لڳا تہ: هينئر گهڻي دير ٿي چڪي آهي ۽ تنهن کان سواءِ دشمن گجرات پهچڻ جا سمورا رستا بند ڪيا آهن، تنهنڪري اهو ڪم راجا لاءِ خطري کان خالي نہ آهي. ليڪن هن چتاءَ مٿس ڪو اثر نہ ڪيو. هو وڃڻ لاءِ تياري ڪرڻ لڳو.

اهو ڏسي وزير نذرساف عرض ڪيو تہ: جيڪڏهن ائين آهي ۽ توهان کي هروڀرو راجڪماريءَ کي حاصل ڪرڻو آهي تہ پوءِ توهان پاڻ نہ وڃو، پر هڪ پانهي موڪليو جا اتي

وڃي ڪو رستو سوچي سگهجي. هن اها صلاح قبول ڪئي ۽ هڪ سهڻي ٻانهي دلهران نالي کي گجرات روانو ڪيائين.

هيءَ ٻانهي سونهن سان گڏ چالاڪيءَ ۾ به بي مثل هئي، سو ڇا ڪيائين جو دائي جو لباس پائي سفر تي رواني ٿي. هن ائين مشهور ڪرايو ته هوءَ عورتن جي مڙني بيمارين جو علاج، طب ۽ جادوءَ رستي ڪري چاهي ٿي. تنهن کان سواءِ هن ماڻهن ۾ پئسا به جام ورهائڻ شروع ڪيا، جنهنڪري سندس پهچڻ کان اڳ ۾ سندس خوبين جي مشهوري گجرات ۾ پهچي وئي.

جڏهن هيءَ طبيباڻي گجرات ۾ پهتي، تڏهن هن جي علاج جي خوبين جي خبر ڪامروپ تائين پهتي. هن هڪدم کيس محلات ۾ اچڻ لاءِ چيو، پر ٻانهي وڏائي ڪندي چورائي موڪليو ته هوءَ بادشاهن ۽ راڻين جي علاج ڪرڻ لاءِ ڪانه نڪتي آهي. اهو ٻڌي ڪامروپ طبيباڻيءَ کي آڻڻ لاءِ پالڪي موڪلي، جڏهن هوءَ محلات ۾ پهتي، اتي راجڪماريءَ پنهنجي علاج ڪرڻ لاءِ پنهنجو رومال ان جي ڪڇيءَ ۾ وڌو، ڪڇيءَ ۾ رومال وجهڻ جي معنيٰ هئي کيس مست ڪرڻ.

ٻانهي تمام سياڻي هئي، سو پهچڻ سان پنهنجا ڪتاب کولي ۽ ڏسڻ لڳي، چڻ ته واقعي راجڪماريءَ جي علاج لاءِ ڪتاب ۾ ڏسي رهي آهي. ٿورو پڙهي چوڻ لڳي: "مان سمجهان ٿي ته تو هڪ رات ننڊ مان جاڳڻ تي پنهنجي پرسان کٽ تي هڪ راجڪمار ستل ڏٺو آهي." انهيءَ ڳالهه ٻڌڻ سان راجڪماري سمجهي وئي ته هوءَ ويچياڻي نه هئي، پر سندس محبوب جي پيغامي. آخر ٻانهيءَ کيس ٻڌايو ته هوءَ راجا ڪامسين وٽان آئي آهي، جو پڻ سندس وانگر بيمار آهي ۽ ساڳئي مرض ۾ مبتلا آهي. هي ٻڌي راجڪماريءَ چيو ته: "هاڻي ڪا ترڪيب ڪيڏي آهي، منهنجي شادي زبردستي منهنجي پيءُ جي دشمن سان ڪرائي ٿي وڃي،

پڇيو، تڏهن ان جي سهيلين جواب ڏنو ته: ”راجا، هڪ بيحد وڏو پکي آسمان مان هيٺ لٿو ۽ راجڪماريءَ کي آڏائي کڻي ويو.“

ڪامسين، راجڪماريءَ کي ڳوليندي ٿي ڪري، ڪجهه وقت گهوڙو رستي سان پڇايو، پر پوءِ وري خيال آيس ته ڪٿي راجا جا تيز گهوڙا نه اچي کين پڪڙين، تنهنڪري گهوڙي کي جهنگ ۾ لاڙي، هڪ طرف منهن ڏنائين. ڪامسين ان حالت ۾ سڄو ڏينهن گهوڙو ڊوڙايو. آخر جڏهن رات پئي، تڏهن پري کان ڪامسين کي ڪجهه دونهون ڏسڻ ۾ آيو. ان کي وسندي سمجهندي، گهوڙي کي ان طرف هلايائين. ٿوري وقت اندر ڪامسين هڪ جهوپڙيءَ اڳيان اچي راجڪماري کي لاٿو ۽ اتي رات گذارڻ جو ارادو ڪيو. ”انسان جي دل ۾ هڪڙي، خدا جي دل ۾ ٻي.“ جنهن گهر کي هنن آرام لاءِ چونڊيو، ان ۾ هنن لاءِ هڪ ٻيو دشمن موجود هو. ان گهر ۾ هڪ پوڙهو ماڻهو رهندو هو، جنهن ڏائڻ سان شادي ڪئي هئي ۽ ان مان چار راڪاس پٽ هئس. هنن جي گهر ۾ داخل ٿيڻ تي پوڙهي مرد سندن ڪلي ڪيڪار ڪئي ۽ رات رهڻ لاءِ چيو. پر ڳالهه هيئن ٿي جو ڪامسين کي ڏسندي ئي، ڏائڻ هن تي عاشق ٿي پئي ۽ راجڪماريءَ کي ان لاءِ مارڻ جو پروگرام رٿيائين. هن اهو ڪم رات اندر ڪرڻ ٿي چاهيو. رات جو جنهن وقت هن سمجهيو ته مهمان ننڊ ۾ هوندا، ڏائڻ پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ انهن ڏانهن هلي، پر ڏائڻ ڏٺو ته ڪامروپ هٿ ۾ تيرڪمان کڻي، پنهنجي محبوب تي پهرو ڏئي رهي آهي. ڏائڻ هيءَ ڏسي راجڪماريءَ کي ڊيڄارڻ لڳي، ليڪن هوءَ ڊڄڻ واري نه هئي، يڪدم ڪمان ۾ تير وجهي ڏائڻ ڏانهن منهن ڪيائين. ڏائڻ هڪدم ايڏو ڊڄي ٿي وئي جو سندس متو آسمان سان گسڻ لڳو ۽ نڪ زمين سان. ان کان پوءِ ڏائڻ پاڻ کي هڪ جبل ۾ تبديل ڪيو ۽ ان حالت ۾ ڪامروپ کي ختم ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌي. اهو ڏسي به

سان گڏ اهو به هيٺ زمين تي لهي آيو. زمين تي لهڻ کان پوءِ كامروپ کان روئڻ جو سبب پڇيائين، جنهن سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايس. كامروپ جي راجا لاءِ اهڙي سچي محبت ڏسي، مهاديو مئل راجا کي وري زنده ڪيو جو اکيون مهٽيندي ائين اٿيو جيئن ڪو ننڊ مان اٿندو آهي. راجا ۽ راجڪماري ڪامروپ پيار مان هڪٻئي کي مليا ۽ مهاديو پراوتيءَ سان وري آسمان تي چڙهي ويو.

ان ئي ڏينهن كامسين ۽ كامروپ گهوڙي تي چڙهي اڳتي هليا. سورهين ڏينهن، هنن کي هڪ وڏو شهر سامهون نظر آيو. جڏهن هو انهيءَ شهر جي هڪ دروازي وٽ پهتا، تڏهن معلوم ٿين ته انهيءَ شهر جو نالو ديول آهي ۽ آتي جي راجا جو نالو ڪنڊ آهي. هنن ٻنهي جي اچڻ جي خبر راجا ڪند کي پهچي ويئي، جنهن هنن کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ آتي اچڻ جو سبب پڇيو. كامسين جواب ڏنو ته: ”مان ماگرور شهر جي راجا نرڪرپال جو پٽ آهيان، جهنگ ۾ شڪار ڪرڻ آيس، پر آتي رستو وڃائي ويٺس. رات گذارڻ لاءِ هتي آيو آهيان.“ راجا اهو احوال ٻڌي، هنن جي ڏاڍي خاطرداري ڪئي ۽ پاڻ وٽ رهايو.

كامسين ڪجهه ڏينهن آتي رهيو. هڪ ڏينهن، هڪڙو هاري، راجا ڪند وٽ اها شڪايت ڪئي آيو ته هڪڙو شينهن سندس ڍڳا ڍور کائي چٽ ڪري ويو آهي ۽ اها وينتي ڪيائين ته راجا ان شينهن کي مارائڻ جو ڪو بلو ڪري. هاريءَ جو اهو عرض ٻڌي، راجا كامسين ٽپ ڏئي اٿيو ۽ چيائين ته: ”مون کي اجازت ڏني وڃي ته آءٌ توهان جي ڪيل احسان جي بدلي ۾ شينهن کي وڃي ختم ڪريان.“ راجا اها ڳالهه ٻڌي هن کي اجازت ڏني. ان کان پوءِ بهادر راجا كامسين، هاريءَ سان گڏجي سندس گهر ڏانهن ويو ۽ ڏٺائين ته سچ پچ شينهن هڪ ڍڳو کائي رهيو آهي. هيءَ

انهيءَ حالت ۾، هڪ هنڌ ويهي رهي ۽ غم ۽ اندوهه ۾ اچي روئڻ ۾ چنڊڪي. ڪجهه وقت روئڻ ڪانپوءِ، کيس آهي پريون ياد پيون، جن کيس ۽ ڪامسين کي پاڻ ۾ ملايو هو، بس پوءِ ته انهن کي ڏک مان مدد لاءِ پڪارڻ لڳي. قدرت ڏٺيءَ جي اهڙي ٿي جو ٿوريءَ دير ۾ هن جي اڳيان هڪ پرين جو ولر اچي بيٺو. ڪامروپ کين پنهنجي سورن جي ڪهاڻي ٻڌائي. پرين کي راجڪماريءَ جي هن حال تي ڏاڍو رحم آيو ۽ کيس آسمان تي پنهنجي ولايت ۾ کڻي ويون. اتي ڪامروپ جي غم دور ڪرڻ لاءِ کيس هڪ بهترين محلات ۾ رهايو ويو، جنهن ۾ پريون هن جي خدمت چاڪري ڪنديون هيون، جنهن جي چوڌاري هڪ دلچسپ جنت نما باغ ۾ عجيب و غريب گل هئا، جن جي خوشبوءِ ۾ وڻندڙ اثر هو. هي سموريون چيزون راجڪماريءَ جي اڳيان انهيءَ لاءِ رکيون ويون ته جيئن هوءَ اتي راضي رهي ۽ دل جي غم کي وساري ڇڏي.

ٻئي پاسي وري ڪامسين جو عجيب حال هو. هن کي يقين ٿي ويو هو ته ڪامروپ واقعي دوکيباز عورت هئي. اهڙن خيالن ۾ جيئن کيس پڪائي ٿيندي وئي، تيئن پاڻ واسو جهڙيءَ دغاباز ۽ ڏائڻ عورت سان وڏيڪ محبت ٿيندي ويس. ڪامسين، ڪامروپ کي دل مان وسارڻ کان پوءِ زندگيءَ جو ڪافي عرصو عيش ۽ مزي ۾ گذاريو، ليڪن چوندا آهن ته خدا وٽ دير آهي، انڌير ناهي. سو ڪجهه وقت گذرڻ کانپوءِ، هڪ رات ڪامسين ننڊ مان جاڳي پيو ۽ جاڳڻ سان هن ائين محسوس ڪيو ته راجڪماري ڪامروپ بلڪل معصوم هئي ۽ مون ساڻس سان ظلم ڪيو آهي. انهيءَ قسم جو خيال هن جي دل تي ايتري قدر ته ڇانئجي ويو جو واسوءَ کي هڪ وڏي دوکيباز ۽ ظالم عورت تصوّر ڪرڻ لڳو. آخر هڪ ڏينهن هن کي ايڏو ته جوش اچي ويو جو

ڪامسين وٽ هيٺان، پکين جي اها سموري گفتگو وڏي ڌيان سان ٻڌي رهيو هو. انهيءَ راز کي معلوم ڪندي ڪڏهن دل ۾ اميد پيدا ٿيس ٿي ته ڪڏهن وري مايوسي. آخر هو انهيءَ ٻڌل طريقي موجب آٺ ڏينهن پاڻ تي روزو رکي ويٺو ۽ دونهين مان ساهه کڻندو رهيو. آخر اٺين ڏينهن ٻرين جو ٽولو پنهنجي راڻي شهپوري ۽ ڪامروپ سميت انهيءَ تلاءَ تي اچي لٿو. ڪامسين تلاءَ جي ڀر ۾ وڻن جي اوٽ ۾ ايستائين لڪو ويٺو رهيو، جيستائين سڀني پنهنجا ڪپڙا لاٿا ۽ وهنجڻ جي ارادي سان پاڻيءَ ۾ ٽپو ڏنو. ان کان پوءِ، ڪامسين نهايت آهستگيءَ سان راڻي شهپوري جي ڪپڙن تي قبضو ڪري آهي پاڻ سان کڻي ۽ پنهنجي ساڳيءَ جڳهه تي اچي لڪي ويٺو. ٿوري وقت کان پوءِ، هر هڪ پري، پاڻيءَ مان نڪري پنهنجا ڪپڙا پاتا ۽ جڏهن راڻيءَ جو وارو آيو ته جان ڏسن ته ڪپڙا غائب آهن. هن ڏاڍي ڳولا ڪرائي مگر بي سود ان کان پوءِ، هنن ڪپڙن جي تلاش لاءِ جهنگ ۾ ڳولا ڪرائي. آتي ڳولا ڪندي، هنن ڪامسين کي ڏسي ورتو جيڪو راڻيءَ جا ڪپڙا پنهنجي ڪڇ ۾ ڪيو لڪو ويٺو هو. هي حال ڏسي ٻرين جي راڻي غصي ۾ ڳاڙهي ٿي وئي ۽ پنهنجي ڪپڙن جي واپسيءَ لاءِ ڪامسين کي حڪم ڪيائين. اهو حڪم ٻڌي، ڪامسين وراڻيو ته ڪپڙن جي عيوض ڪيس ڪامروپ جي پاڻهن ڏني وڃي. اهو جواب ٻڌي پرين جي راڻي غصي ۾ اچي هڪ ننڍي راڪاس جي شڪل ۾ تبديل ٿي وئي ۽ ان کان پوءِ هاٿيءَ جي شڪل ۾ مٽجي وئي. هاٿيءَ جي شڪل ۾ اچي ڪامسين کي لتاڙي مارڻ جي ڌمڪي ڏنائين. ليڪن ڪامسين بي پرواهه ڪانه ڏيکاريس ۽ چيو "هن زندگيءَ کان موت بهتر آهي. ڪامروپ سان گڏ رهڻ حياتي آهي ۽ ان کان سواءِ مان موت کي آجيان ڪندس." هي جواب ٻڌي، ٻرين جي راڻيءَ جو غصو رحم ۾ تبديل ٿي ويو ۽

هن جي دل نرم ٿي ويئي، جڏهن ڪامروپ، ڪامسين کي اُئين ليلائيندي ڏٺو تڏهن پاڻ به ان سان گڏ راڻيءَ کي منتون ڪرڻ لڳي. چوڻ لڳي ته: ”مون کي هن جي حوالي ڪريو توهان ٿي اسان ٻنهي کي پاڻ ۾ ملايو هو. سو هاڻي ڪيئن ٿيون جدا ڪريو.“ ڪامروپ کي ليلائيندي ڏسي، راڻي شپوريءَ سندس ٻانهن ڪامسين جي حوالي ڪئي ۽ ان جي عيوض ۾ پنهنجا ڪپڙا واپس ورتا.

ان کان پوءِ راڻي جي حڪم سان پرين هنن ٻنهي عاشقن کي مٿي کنيو ۽ هوا ۾ اڏائي، سنڌ ڏيهه جي مٿان آندو. جڏهن کين ٿورو هيٺ لاٿائون، تڏهن راجا ڪامسين پنهنجي تختگاهه ماڳرور کي سڃاتو. هيٺ لاهڻ کان پوءِ کين شپوري ٻڌايو ته هيءَ توهان جي بادشاهي آهي، ليڪن هڪ مڪار ماڻهوءَ توهان جي فوج کان حڪومت کسي پنهنجي قبضي ۾ رکي آهي. ايترو چئي پريون اکين کان گم ٿي ويون.

پرين کان هيءَ ڳالهه ٻڌي، راجا ڪامسين وڏيءَ ڳڻتيءَ ۾ اچي ويو ۽ ٿورو سوچي ڪامروپ کي چيائين ته: ”ماڳرور شهر جي اتر طرف منهنجو هڪ محلات آهي، مان سمجهان ٿو ته اتي ڪوبه ڪونه پهتو هوندو. اسان کي اتي هلي ڪو مشورو ڪرڻ گهرجي.“ ائين چئي ان طرف وڌيا ۽ اڌ رات جو هي ٻئي محبت جا متوالا ان خالي محلات ۾ وڃي پهتا. ان محلات ۾ ٻنهي خوشي ۽ سک ۾ رات گذاري، ليڪن ساڳئي وقت پنهنجي آئينده جو اونو به کهٽو رهين.

صبح جو جڏهن ڪامسين پنهنجي محلات جي دريءَ کان هيٺ ڏٺو، تڏهن سندس نظر وڃي هڪ پوڙهيءَ عورت تي پيئي، جنهن هن کي نپايو هو. ان کي آواز ڏنائين، جنهن خوشيءَ سان ڊوڙي اچي ڪامسين جو خيرمقدم ڪيو. پوڙهيءَ راجا کان سندس ايڏي لنبي عرصي جي غيرحاضريءَ جو سبب پڇيو. راجا پنهنجي سمورين تڪليفن ۽ ڏکن ڏاکڙن

سان پريل سفر جو بيان ڪيو ۽ ڪيس ٻڌايو ته ڪيئن ڪيس ۽ ڪامروپ کي پريون هتي پهچائي ويون آهن. ان کان پوءِ راجا پوڙهيءَ کان پڇيو تہ منهنجي غيرحاضريءَ ۾ ڇا وهيو واپريو ۽ اهو ماڻهو ڪير آهي، جنهن منهنجي تخت تي ناجائز قبضو ڪيو آهي؟"

راجا کي هن پوڙهي عورت نهايت ڏک واري لهجي ۾ ٻڌايو تہ: "مهاراج، توهان جي وڃڻ کان پوءِ هڪ سال کن تہ رواجي طرح حڪومت جو چرخو امن ۽ شانتيءَ سان هلندو رهيو، ليڪن ان کان پوءِ جڏهن توهان جي باري ۾ ڪا خبر نہ آئي، تڏهن توهان لاءِ همدردي ۽ وفاداري ماڻهن جي دلين مان غائب ٿيڻ لڳي. ملڪ جون اهي حالتون ڏسي، هڪ دشمن، جنهن جو نالو شاه دمڪ آهي، تختگاه تي حملو ڪيو ۽ شهر جا سمورا دروازا ڀڃي اندر داخل ٿيو. شهر تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ توهان جي وزير نذر سيف کي قيد ڪيائين ۽ توهان جي حڪومت تي قبضو ڪيائين. هينئر توهان جو تاج ۽ توهان جا خزانا سڀ هن جي قبضي ۾ آهن ۽ مون کي ڪو رستو ڪونہ ٿو سجهي، جو توهان اهي واپس حاصل ڪري سگهو."

هيءَ ٻڌي راجا ڪامسين کي ڏاڍي حيراني لڳي. ليڪن دل نہ هاريائين ۽ پوءِ ڪاغذ تي هي پيغام پوڙهيءَ جي معرفت شاه دمڪ ڏانهن موڪليائين تہ: "اي غاصب! تولاءِ مناسب آهي تہ حڪومت مان چپ چاپ نڪري وڃ، ٻيءَ حالت ۾ مون سان مقابلي لاءِ تيار ٿيءُ."

جڏهن شاه دمڪ هيءُ خط پڙهيو، تڏهن پوڙهيءَ کان پڇيائين تہ: "راجا ڪامسين ڪٿي آهي ۽ هن سان ڪيترو لشڪر آهي؟" ڪيس جواب مليو تہ: "هو فلاڻي محلات ۾ لٿل آهي ۽ اڪيلو آهي." اهو جواب ٻڌي شاه دمڪ هڪ چڱو لشڪر تيار ڪري هن سان وڙهڻ لاءِ محلات ڏانهن وڌيو.

راجا ڪامروپ جڏهن شاهه دمڪ جي فوج کي ايندو ڏٺو، تڏهن هن هڪ دفعو وري پرين کي مدد لاءِ پڪاريو. انهيءَ گهڙيءَ ۾، پرين جو هڪ وڏو لشڪر آسمان تان هيٺ لٿو، ديون ۽ راڪاسن جي شڪل اختيار ڪري، شاهه دمڪ جي فوج تي حملو ڪيو، ۽ انهن سخت خوف ۽ هراس ڦهلايو. هي حال ڏسي شاهه دمڪ جي فوج هرطرف ڀڄڻ لڳي، ليڪن ديون ۽ پرين هنن جو پيڇو ڪيو ۽ ڪيترن کي ماري قتل ڪري ڇڏيو، ۽ ڪيترا راجا ڪامسين جي پيش پيا. شاهه دمڪ جو ننڍو پٽ شاهه صادق پيش پيو، جنهن کي راجا ڪامسين پناهه ۾ ورتو. خود شاهه دمڪ کي ڀڄڻ وقت ديون ماري وڌو هو.

جڏهن هيءَ لڙائي ختم ٿي، تڏهن راجا ڪامسين وڏي شاندار نموني سان پنهنجي شهر ماڳرور ۾ داخل ٿيو ۽ پنهنجي اڳين وزير نذر سيف کي قيد مان آزاد ڪيائين، ۽ پوءِ ان جي ئي مدد سان هو پنهنجي تخت تي ويٺو، ۽ سنڌ ڏيهه ۾ راڄ ڪرڻ لڳو. راجا هڪ وڏو مضبوط قلعو ٺهرايو ۽ ڪيترائي سال سنڌ ۾ انصاف ۽ رحم سان حڪومت ڪندو رهيو. جيڪڏهن حقيقت جي نگاهه سان ڏسجي ته راجا ڪامسين لاءِ سيني خزانن ۽ تاج کان وڌيڪ قيمت واري ملڪيت راجڪماري ڪامروپ هئي، جنهن ڪيترا دفعا هن جي حياتي بچائي ۽ جنهن جي ئي تعاون سان هن پنهنجي ويل حڪومت وڌيءَ سوڀ سان حاصل ڪئي ۽ پنهنجي رعيت وٽ وڏي شان ۽ عزت آبروءَ سان موٽي اچي حڪومت جون واڳون سنڀاليون.

## ١١- سيف الملوڪ

ڪنهن زماني ۾، هاشم شاهه نالي هڪ بادشاهه، مصر ۾ راڄ ڪندو هو. هن جي پيءُ جو نالو شاهه سفيان هو، جو گذر ڪري چڪو هو. هاشم شاهه وڏو دولتمند ۽ طاقت وارو بادشاهه هو ۽ سندس رعيت ڏاڍي آسودي هئي. قدرت خدا جي اهڙي جو کيس پٽ جو اولاد ڪونه هو، باقي دنيا جا ٻيا سڀ سک ۽ سهنج نصيب هئس. جوانيءَ واري عرصي ۾ ته بادشاهه کي پٽ جي ضروت گهٽي محسوس ڪانه ٿي، پر جڏهن ستر ورهين جو ٻوڙهو ٿي چڪو، تڏهن انهيءَ حقيقت کيس ڏاڍو ملول ڪيو ۽ ان غم ۽ اندوهه ۾ هڪڙي ڏينهن اوچتوئي اوچتو پاڻ کي محلات جي هڪ ڪمري ۾ بند ڪيو ۽ وزيرن ۽ اميرن سان ملڻ کان منهن موڙي ڇڏيو. بادشاهه جي هن هلت ڪري، آخرڪار حڪومت جو چرخو بيهجي ويو، ڇوته ڌنار کان سواءِ ڌڻ ڪيئن سلامت رهي؟ ملڪ ۾ ڏينهون ڏينهن بدامني ڦهلجي وئي، آخر انهيءَ صورتحال بادشاهه جي وزير صالح کي ڏاڍو پريشان ڪيو ۽ هڪ ڏينهن بادشاهه جي مرضيءَ خلاف زبردستيءَ سان محلات ۾ داخلا ٿيو ۽ بادشاهه جي آڏو نهايت ادب ۽ احترام سان چوڻ لڳو ته: ”جيئندا قبلا! آءٌ توهان جي غم جو سبب پڇي سگهان ٿو؟ مون کي يقين آهي ته جيڪڏهن بادشاهه سلامت مون کي ان کان واقف ڪرڻ فرمائيندو ته مان ان کي دور ڪرڻ ۾ ضرور ڪامياب ٿيندس.“ بادشاهه ورندي ڏني ته: ”اي وزير، منهنجو غم معمولي قسم جو نه آهي، توکي خبر آهي ته مون وٽ دنيا جي هر نعمت موجود آهي، دولت جا بي انداز خزانا آهن ۽ طاقتور فوج آهي، ليڪن پٽ جي اولاد کان محروم آهيان. هينئر منهنجي

موت کان پوءِ منهنجو تخت ڪير سنڀاليندو؟ مصر ملڪ جي حڪومت جو ڪير وارث ٿيندو.“ هيءَ ڳالهه ٻڌي، وزير عرض ڪيو ته: ”بادشاهه سلامت، منهنجو خيال آهي ته نجومين کي گهرايو وڃي، مون کي اميد آهي ته هو پنهنجي علم ۽ نجوم جي وسيلي اوهان جي ان غم جو ڪو نه ڪو علاج ضرور ڳولي ڪڍندا.“

بادشاهه کي وزير جي اها صلاح دل سان آئڙي ۽ نجومين کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ کين حڪم ڪيو ته هو حساب ڪري ڪيس پنهنجي غم جي علاج جي ڪا ترڪيب ٻڌائين. نجومين ٽن ڏينهن جي مهلت گهري، هنن انهيءَ عرصي ۾ آسماني نکيٽر ۽ سيارن کي خوب جاچيو ۽ ان کان پوءِ چوٿين ڏينهن دربار ۾ اچي، بادشاهه کي عرض ڪيائون ته: ”بادشاهه سلامت، اسان کي نجوم جي حساب مان معلوم ٿو ٿئي ته جيڪڏهن توهان يمن جي بادشاهه شرف شاهه جي شهزاديءَ سان شادي ڪندؤ ته توهان کي ان مان ضرور پٽ جو اولاد ٿيندو.“

نجومين جي اها ڳالهه ٻڌي بادشاهه حڪم ڪيو ته: ”هڪدم يمن جي بادشاهه لاءِ سوکڙيون ۽ سوغاتون تيار ڪيون وڃن، انهن ۾ پنجاهه اٺ موتين سان ڀريل هجن، چار سؤ سهڻيون ٻانهيون هجن ۽ چار سؤ بهترين گهوڙا قيمتي سنجن سميت موجود هجن. اهي سموريون شيون تحفي طور يمن جي بادشاهه جي خدمت ۾ پيش ڪيون وڃن ۽ ان کان پوءِ اسان جي لاءِ سندس شهزاديءَ جو سڱ گهريو وڃي.“ ٻن-ٽن ڏينهن بعد، بادشاهه جي حڪم مطابق اهو سمورو سامان، جنهن جي خاصي لشڪر جو ڏيک پئي ڏنو، سو جڏهن يمن جي بادشاهه جي سرحد تي وڃي پهتو، تڏهن يمن جي بادشاهه جي ماڻهن کي شڪ پيو. هنن شڪ دور ڪرڻ لاءِ هاشم شاهه بادشاهه جي ماڻهن کان پڇيو ته: ”ڇا توهان

جنگ ڪرڻ جي نيت سان آيا آهيو؟" هنن جواب ڏنو ته: "نه، اسان جنگ ڪرڻ نه آيا آهيون، پر اسان اوهان جي بادشاهه کان سندس شهزاديءَ جو سڱ چڪائڻ آيا آهيون." اهو جواب ٻڌي، هنن کي دلجاءِ ٿي ۽ پوءِ هو هلندا اچي يمن جي بادشاهه جي درٻار ۾ پهتا. درٻار ۾ پهچي، وڏي ادب ۽ نياز سان، هاشم شاهه بادشاهه جي ماڻهن پنهنجو تعارف يمن جي بادشاهه سان ڪرايو، ۽ کيس پنهنجي بادشاهه جو خط ڏنو. خط پڙهڻ کان پوءِ، يمن جي بادشاهه وڏي خوشيءَ سان ورندي ڏني ۽ چيو ته: "هيءَ ته هڪ نيائي آهي، پر جيڪڏهن مون کي ست نيائيون هجن ها ته اهي ٻه، جيڪر اوهان جي بادشاهه جي مرضيءَ مطابق ڏيڻ ۾ مون کي بيحد خوشي ٿئي ها." ان کان پوءِ هن پنهنجي ڌيءَ کي گهرايو ۽ پنهنجي خاندان جي رسم مطابق سندس تلوار ۽ پڳڪي سان شادي ڪرائي ويئي.

هن طرح شادماني ٿيڻ کان پوءِ، مهمانن موڪلايو ۽ شهزاديءَ کي ساڻ ڪري، يمن مان روانا ٿيا. شهزاديءَ پنهنجي وندر لاءِ پيءُ جي وزير جي ڌيءَ، پاڻ سان ڪنئي، جنهن سان سندس ننڍپڻ کان ساهيڙپ هئي. مصر ۾ پهچڻ تي، هاشم شاهه بادشاهه ڏاڍي ڌام ڌوم سان شهزاديءَ سان شادي ڪئي ۽ سندس ساهيڙيءَ جي شادي پنهنجي وزير صالح سان ڪرائي. خدا جي مهربانيءَ سان هڪ سال بعد بادشاهه هاشم شاهه ۽ صالح وزير کي هنن زالن مان پٽ پيدا ٿيا. هاشم شاهه بادشاهه پنهنجي پٽ جو نالو سيف الملوڪ رکيو ۽ وزير پنهنجي پٽ جو نالو صياد رکيو. هنن ٻنهي نينگرن کي نپائڻ لاءِ هڪ دائي رکي وئي ۽ اهڙيءَ طرح هو ٻئي سڳن ڀائرن وانگر پلجڻ لڳا.

اچ نندا سياڻي وڏا، وقت گذرندو رهيو ۽ هي ٻالڪ به وڏا ٿيندا ويا. اهڙيءَ طرح چوڏهن سال گذري ويا. هڪڙي

ڏينهن بادشاهه پنهنجي ڇوڪرن کي پنهنجيءَ دربار ۾ گهرايو ۽ پنهنجي پٽ کي هڪ منڊي ۽ هڪ چوغو ڏنو، جي کيس ڪنهن وقت بادشاهه سليمان کان مليا هئا ۽ صالح وزير جي پٽ کي وري هڪ گهوڙو ۽ هڪ ڪڙتو عطا ڪيو. ان رات شهزادي سيف الملوڪ هڪ عجيب اسرار ڏٺو. هو ننڊ مان سجاڳ ٿيڻ شرط پيءُ وٽان مليل چوغي کي کولي حيرت سان ڏسڻ لڳو. اوچتو سندس نظر وڃي هڪ نهايت حسين ڇوڪريءَ تي پئي، جا کيس پرسان بيٺل ڏسڻ ۾ آئي. پر جڏهن هُن پنهي هٿن سان ان کي وٺڻ جي ڪوشش ڪئي ته هوءَ نظر کان گم ٿي ويئي، وري جڏهن هن پنهنجا هٿ هيٺ ڪيا ته ڇوڪري سامهون بيٺل نظر آيس. آخرڪار هن چوغو ويڙهي رکي ڇڏيو ۽ پاڻ سمهي پيو، پر کيس سڄي رات ننڊ نه آئي ڇو ته هو ان سهڻيءَ ڇوڪريءَ جي حسن تي موهجي پيو هو.

ٻئي ڏينهن صبح جو جڏهن بادشاهه ڏٺو ته سندس پٽ روزاني دستور مطابق شڪار تي نه ويو آهي، تڏهن کيس پاڻ وٽ گهرايائين. بادشاهه ڪانئس ان جو سبب پڇيو، پر شهزادي ڪنهن به سوال جو جواب ڪونه پئي ڏنو. هن کي ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي آئي، سندس ذهن ۽ دماغ ۾ انهيءَ حسين ڇوڪريءَ جو تصور هو، جنهن کي هن رات جو ڏٺو هو. پيءُ جي سوالن تي فقط ڪنڌ ڌوڻي رهيو هو ۽ زارزار روئي رهيو هو. بادشاهه پٽ جو هيءُ حال ڏسي ڏاڍو غمگين ٿيو. هڪدم هن جي علاج لاءِ حڪيم ۽ طبيب گهرايائين، جيڪي پڻ ڪافي ڪوشش جي باوجود شهزادي جي بيماريءَ کي سمجهي ڪين سگهيا. آخرڪار، هاشم شاهه جي وزير عرض ڪيو ته: "جيئندا قبلا، منهنجي پٽ کي اجازت ڏيو، شايد هو سيف الملوڪ جي بيماريءَ کي سمجهي ڪانئس پڇي ۽ پروڙي سگهي. آخر وزير زادي کي اجازت ڏني ويئي ته هو اڪيلائي ۾ شهزادي سان وڃي ڳالهائي ۽ جيڪڏهن ضرورت سمجهي ته

ڪيس اها ڏمڪي به ڏني ته جيڪڏهن تون مون کي پنهنجي بيماريءَ جو سبب نه ٻڌائيندين ته مان پاڻ کي ماري ڇڏيندس.“ بادشاهه، وزير جو اهو مشورو مڃيو ۽ وزيرزادي کي شهزادي وٽ سندس دلي راز پروڙڻ جي اجازت ڏني.

صياد کي ڏسندي ئي، شهزادي کي معصوميت ۽ ننڍپڻ وارو زمانو ياد اچي ويو، جنهن ۾ هنن سڳن ڀائرن وانگر ڪيڏيو ۽ ڊوڙيو هو. ان تصور سندس دل کي نرم ڪري وڌو ۽ شهزادي پنهنجي زبان کولي. شهزادي رات جو ڏٺل سمورو واقعو ۽ حسين ڇوڪريءَ تي عاشق ٿي پوڻ وارو سمورو قصو، هن کي دل کولي ٻڌايو. صياد هي حال معلوم ڪري سڄي ڳالهه، بادشاهه کي ڪري ٻڌائي. بادشاهه هي قصو ٻڌي عجب مان چوڻ لڳو ته: ”ننڍپڻ واري زماني ۾ هڪ ڏينهن مان تخت تي ويٺو هوس ته اوچتو هڪ روشنيءَ جو چمڪاٽ ٿيو ۽ گجگوڙ ٿي، ان کان پوءِ مون پنهنجي پيرن جي پرسان ست پريون لهنديون ڏٺيون. لهڻ کان پوءِ هنن مون کي هڪ منڊي ۽ هڪ چوغو ڏنو، جيڪي ٻئي چيزون مون سيف الملوڪ جي حوالي ڪيون. هنن مون کي ٻڌايو ته اهي ٻئي چيزون حضرت سليمان جون آهن. پوءِ جڏهن مون چوغي کي کوليو، تڏهن منهنجي اڳيان هڪ نهايت جميل ڇوڪري اچي بيٺي. ان ڇوڪريءَ کي جهلڻ لاءِ مون پنهنجون ٻانهون وڌايون ته هوءَ نظر کان غائب ٿي وئي. ان تي مون پرين کان پڇيو ته هيءَ ڪير هئي. پرين جواب ڏنو ته: ’هوءَ اسان جي بادشاهه شهوال جي ڌيءَ، بديع الجمال آهي ۽ اسان جو بادشاهه گلستان ارم شهر ۾ رهي ٿو‘. ان کان پوءِ مون گلستان ارم شهر ڳولڻ لاءِ هر طرف ماڻهو موڪليا، پر ڪنهن کي به ڪو پتو ڪونه پيو. هن جي محبت مون کي چوڏهن سال پريشان ڪندي رهي ۽ هاڻي وري ان منهنجي پٽ کي ساڳيو اثر ڏيکاريو آهي. هينئر اچ انهيءَ ڇوڪريءَ جي تلاش

اهو سيوو زهر وارو هو جنهنڪري ان رات سيف الملوڪ کان سواءِ ٻيا سڀ اتي جو اتي ڦٿڪي مري ويا.

سيف الملوڪ، جنهن ٻين کان نسبتاً ٿورو کاڌو هو، سو مرڻ کان بچي ويو، ليڪن سخت بيمار ٿي پيو. آهستي آهستي ان بيماريءَ مان چڙهيو. ٿورن ڏينهن کانپوءِ جان ۾ طاقت واپس آيس ۽ پنهنجي مٿل سنگتين کي دفن ڪيائين. ان کان پوءِ، سيف الملوڪ ٻيٽ کي جاچڻ لڳو. اوچتو هن پنهنجي ٻڌيان ڪنهن پکيءَ جي ٻچن جو آواز ٻڌو ۽ جيسين پاڻ ٻچي وڃي ڪتي پنهنجو پاڻ لڪائي، هڪ گرڙ پکي هن کي چنبن ۾ آڏائي کڻي ويو ۽ وڃي پنهنجي ٻچن جي کاڌي لاءِ کيس پنهنجي آکيري ۾ ڇڏ يائين.

هيڏانهن سيف الملوڪ پنهنجي بچڻ جي اميد بلڪل لاهي ويٺو ۽ پاڻ کي الله جي حوالي ڪري ڇڏيائين. عين ان وقت سيف الملوڪ هيٺ ڏٺو ته هڪڙو وڏو نانگ ان وڻ تي چڙهي رهيو آهي، جنهن تي اهو آکيرو هو. شڪار جي خوشيءَ ۾، گرڙ پکي واسينگ نانگ جي چرپر کان بلڪل غير واقف ويٺو رهيو ۽ پنهنجي ظالم چهنب سان سيف الملوڪ کي ڦاڙڻ وارو ئي هو ته پاڻ واسينگ نانگ جي وَر چڙهي ويو. گرڙ پکي گهڻو ئي دانهون ڪيون ۽ پاڻ ڇتوڙيو پر واسينگ نانگ کان جند نه ڇڏائي سگهيو. نانگ وڏو طاقتور پئي ڏٺو، تنهن پنهنجي ڏکي جسم سان گرڙ پکيءَ کي جهٽ ڏيئي کڻي قابو ڪيو. سيف الملوڪ بيوس بت بڻيو ويٺو رهيو ۽ گرڙ پکيءَ جي هڏن جي ڀڃڻ جو آواز ٻڌي رهيو هو. ان کانپوءِ واسينگ نانگ، گرڙ پکي کي کائي ختم ڪري هيٺ لهي ويو.

نانگ جي لهڻ کان پوءِ به ڪافي دير تائين شهزادي تي خوف طاري هو. ليڪن جان سڀ ڪنهن کي پياري آهي.

گهمڻ ويس ۽ آئي تلاءَ ۾ گهڙي وِهنس. ان وقت اوچتو اهڙي تيز هوا لڳي، جنهن مون کي ان تلاءَ جي ڪناري تان کڻي هن پٽ تي آڻي ڇڏيو. مون جڏهن زمين تي پير رکيو ۽ اک پٽي نهاريو ته پاڻ کي هن محلات جي سامهون بيٺل ڏٺم. هن محلات ۾ هن پٽ جو ديو بادشاهه رهي ٿو. پوءِ گهڙي پلڪ گذرندي منهنجي اڳيان اهو ديو آيو، جنهن سان گڏ ٻيا به ڪيترائي ديو هئا. هي ديو هڪدم مون کي چوڻ لڳو ته: ”مان توکي هتي انهيءَ لاءِ کڻي آيو آهيان، جو آءٌ توتي عاشق آهيان ۽ هاڻي مون سان ناراض ٿيڻ يا مخالفت ڪرڻ بيسود آهي، ڇوته تنهنجو هتي ڪو واهرو ڪونهي، تنهنجو ملڪ هتان ايترو دور آهي جو اتان جو ماڻهو ته ڇا، پر ڪو جانور ۽ پکي به هتي نٿو پهچي سگهي. ان کان پوءِ مون کي وٺي اچي هن تخت تي وِهاريائين، جتي ويهڻ سان هڪدم ننڊ وٺيو ٿي وڃي. هاڻي هر صبح جو هو هتي اچي مون کي اٿاريندو آهي ۽ ڳالهائيندو آهي ۽ مون سان ڳالهائيندو آهي، ان کان پوءِ هو ٻين ديون سان گڏجي ٻاهر هليو ويندو آهي ۽ مون کي ننڊ وٺي ويندي آهي. وري ٻئي ڏينهن صبح جو هو موٽندو آهي ۽ اچي مون کي اٿاريندو آهي، مان تيستائين ننڊ پئي هوندي آهيان. اهڙيءَ طرح سان مون هتي مهيني کان به زياده وقت گذاريو آهي. منهنجو اهو احوال آهي جو توکي ٻڌايم، هاڻي تون مون کي ٻڌاءِ ته ڪير آهين؟ ڪٿان آيو آهين؟ بيان ڪرڻ لاءِ وقت گهٽو آهي، ڳالهه ڪيڏي به ڏکي هجي، تون ٻڌائي سگهين ٿو ۽ مان ٻڌي سگهان ٿي. ديو سڀاڻي صبح کان اڳ هتي ڪين ايندو.“

شهزادي سيف الملوڪ، بديع الجمال کي ڳوڙهن، رستي ۾ تڪليفن ۽ دشوارين سان منهن ڏيڻ جو بيان ۽ پيءُ کان الڳ ٿيڻ واري وقت کان وٺي ان وقت تائين، جيڪي ڪجهه،

شهزادو اها حقيقت ٻڌي، خاموش رهيو ۽ جلدئي ملڪان وٽ موٽي آيو ۽ اچي کيس سمورو قصو ٻڌايائين. شهزادي ۽ خوشيءَ وچان رڙ ڪري چيو ته: ”پروردگار جا لک احسان آهن! هيءُ ملڪ منهنجو ملڪ ٿو ڏسجي. هاڻي جلدي ڪر ته هلي ڪنهن پرواري ڳوٺ سان بابي متعلق ڪا خبرچار معلوم ڪريون.“

ائين چئي، شهزادي ملڪان، پيڙيءَ سان هيٺ لٿي ۽ شهزادي سيف‌الملوڪ سان گڏجي پنڌ پيئي. ٿوري پنڌ ڪرڻ کان پوءِ، هڪ شهر ۾ اچي پهتا، جتي سنڌس پيءُ جي پاران هڪ نواب مقرر ڪيل هو. هنن، شهر ۾ داخل ٿي، نواب سان ملڻ جي خواهش ظاهر ڪئي. ليڪن سندن ڪپڙا اهڙا ته ڦاٽل هئا ۽ سندن ظاهري حالت ايتري ته ڪريل هئي، جو هنن کي نواب سان ملاقات ڪرائڻ لاءِ ڪوبه ماڻهو تيار نه ٿي ٿيو. دنيا به عجيب شيءِ آهي. ماڻهو فقط ڪنهن جي ظاهري جوڙجڪ ۽ هار سينگار ڏسن ٿا ۽ ان جي لڪل خصوصيتن معلوم ڪرڻ جي تڪليف ڪوبه نٿو ڪري. ماڻهن جي هن هلت تي شهزادي سيف‌الملوڪ کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي، پر ڪري به ڇا ٿي سگهيو؟ پوءِ شهزادي ملڪان، هڪ ڪاغذ تي هي الفاظ لکي، نواب ڏانهن موڪليا:

”اڌنڊڙ پکيءَ وانگر، آءٌ هڪ عجيب ملڪ کان پنهنجي ملڪ ۾ واپس آئي آهيان، ليڪن دل غمگين آهي.“

شهر جي نواب هيءَ چٺي ڪولي پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي، مگر مفهوم سمجهي ڪين سگهيو. تنهن هوندي به نوڪرن کي شهزادي کي اندر آڻڻ جو حڪم ڏنائين. شهزادو سيف‌الملوڪ اندر آيو ۽ نواب کانئس حال احوال پڇيو. شهزادي جواب ۾ عرض ڪيو ته هو پاڻ هڪ بادشاهه جو پٽ آهي، ليڪن سفر جي تڪليفن ۽ غير رواجي حادثن کيس فقير بڻائي ڇڏيو

آهي". نواب، هن جي سونهن ۽ منهن مهانڊي مان اندازو لڳايو تہ هن جي بيان ۾ واقعي صداقت آهي. نواب جي زور ڀرڻ تي، شهزادي سيف‌الملوڪ پنهنجي سفر جو سمورو قصو ٻڌايو ۽ آخر ۾ چيو تہ مون توهان جي بادشاهہ جي وڇايل ڏيءَ ٻاڻ سان آندي آهي.

هيءَ خبر ٻڌي، نواب خوشيءَ ۾ مدهوش ٿي ويو، ڇو تہ هو بادشاهہ جو عزيز پڻ هو. پوءِ تہ نواب حڪم ڪيو تہ شهزاديءَ ملڪان کي هڪدم پالڪيءَ ۾ ويهاري، عزت ۽ احترام سان محلات ۾ آندو وڃي. ان کان پوءِ انهي خوشيءَ جي موقعي ملهائڻ جا پروگرام رٿجي ويا ۽ ڪيترا ڏينهن شهزاديءَ جي واپسيءَ تي خوشين جا شادمانا ٿيندا رهيا.

آخر هڪ ڏينهن نواب، شهزادي سيف‌الملوڪ جي دعوت ۾ شڪار جو پروگرام رکيو. ان سلسلي ۾ شهزادو سڄو ڏينهن جهنگ ۾، شڪار ۾ مصروف رهيو. واپسيءَ وقت سيف‌الملوڪ هڪ ماڻهوءَ کي ڪاٺيون ميڙيندي ڏٺو، جنهن جي شڪل سندس پراڻي دوست صياد سان ڪافي ٺهڪي پئي آئي. اهو ماڻهو ايترو ڪمزور ۽ پريشان پئي ڏٺو، جو شهزادي کي يقين ئي نہ پئي ٿيو تہ ڪو هيءُ صياد هوندو. تنهنڪري نوڪرن کي ان ماڻهوءَ کي آڻڻ لاءِ حڪم ڏنائين. نوڪرن وري ائين سمجهيو تہ شايد شڪار ڪرڻ وقت ان ماڻهوءَ شهزادي کي شڪايت جو موقعو ڏنو آهي ۽ سزا ڏيڻ لاءِ کيس پاڻ وٽ گهرائي ٿو، تنهنڪري ان سان شوخيءَ سان پيش آيا ۽ سائس سختيءَ سان گڏ مار ڪٽ بہ ڪيائونس.

ان ماڻهوءَ کي جڏهن شهزادي آڏو آندو ويو، تڏهن ان کان پڇيو ويو تہ: "تون ڪير آهين؟" صياد سخت پريشانيءَ جي حالت ۾، شهزادي جي پيرن تي ڪري پيو ۽ چوڻ لڳو تہ: "سائين منهنجا! منهنجو نالو صياد آهي. سچ کي بہ پاڇا آهن، ڪنهن وقت تہ مان بہ مصر جي بادشاهہ جي

وزير جو پٽ ۽ بادشاهہ جي پٽ جو دوست هوس، پر اڄ زماني مون کي هن حال تي آڻي پهچايو آهي." هي احوال ٻڌي، شهزادي کي يقين ٿيو تہ سندس پراڻو ساٿي آهي ۽ خوشيءَ وچان هن کي ڀاڪر پائي مليو ۽ کيس پنهنجي قصي ٻڌائڻ لاءِ چيائينس.

ٻئي وڇڙيل دوست پاڻ ۾ مليا ۽ پراڻيون يادگيريون سندن دلين تي تري آيون. شهزادي جي زور ڀرڻ تي، صياد پنهنجو قصو هن طرح شروع ڪيو: "طوفان ۾ اسان جو جهاز ٻڏي پيو. ان کان پوءِ هرڪو پنهنجي جان بچائڻ ۾ لڳي ويو. مون کي بہ هڪ ڪاٺ جو تختو هٿ اچي ويو، جنهن جي آڌار تي ڇولين ۽ موجن سان مقابلو ڪندو رهيس. گهڻي ڪشمڪش کان پوءِ ان تختي وچي مون کي ڪناري تي چاڙهيو. اتان مون کي آدمخورن پڪڙيو ۽ کائڻ چاهيو، ليڪن بعد ۾ هنن اهو فيصلو ڪيو تہ مون کي کارائي ٿلهو متارو ڪري پنهنجي بادشاهہ کي سوکڙيءَ طور ڏين. ان کان پوءِ مون کي کيترا ڏينهن خوب کارايو ويو ۽ جڏهن آدمخورن ڏٺو تہ هاڻي بادشاهہ کي پيش ڪرڻ جهڙو ٿيو آهي، تڏهن پنهنجي بادشاهہ ڏانهن وٺي هليا. خوشنصيبيءَ جي ڳالهہ اهڙي ٿي جو هي آدمخور مون کي درياءَ جي ڪناري سان وٺي هلڻ لڳا. مون موقعي کي غنيمت ڄاڻندي، درياءَ ۾ ٽپو ڏنو. آدمخور ترڻ ڪونہ ڄاڻندا هئا. سو پنهنجو پاڻ تي افسوس ڪندا ڏسندا رهيا ۽ مان تري وڃي درياءَ جي ٻئي ڪناري تي پهتس. ان کان پوءِ مان سر بچائڻ لاءِ پنڌ پيس تہ اچي هن ملڪ ۾ نڪتس. ٻيو ڪو ذريعو نہ ڏسي، پنهنجي پيٽ پالڻ لاءِ ڪاٺين جي مزوري کي پنهنجو پيشو بڻايم. هينئر ڪاٺيون ڪري شهر ۾ وڪڻندو آهيان ۽ انهن پئسن مان پنهنجو روزگار ڪندو آهيان."

بديع الجمال چوڻ لڳي ته: ”مون کي اها ڳالهه وڏي ڳڻتيءَ ۾ وجهي ٿي ته مان پري آهيان ۽ تون انسان آهين. مان هن ملڪ جي رهاڪو ۽ تنهنجو وطن دور. مون کي خطرو اهو آهي ته شاديءَ کان پوءِ ڪٿي تون وطن جي وڇوڙي کان مجبور ٿي، مون کي جدائيءَ جو داغ نه ڏيـن.“ اها ڳالهه ٻڌي، شهزادي سيف‌الملوڪ وعدو ڪيو ته مان توکي ڪڏهن به ڪين ڇڏي ويندس. آخر شهزادي جي وعدي تي شهزاديءَ کي مس مس يقين آيو.

ٻئي ڏينهن شهزادو سيف الملوڪ ۽ بديع الجمال، شهزادي ملڪان ۽ شهر جي نواب سان مليا ۽ پنهنجي شاديءَ لاءِ اجازت گهريائون، ليڪن نواب اجازت ڏيڻ کان انڪار ڪيو. هن چيو ته اها شادي تيستائين ناممڪن آهي جيستائين بادشاهه شهوال اجازت ڏئي يا سندس ڀيڻ شهزادي سروبانو اجازت ڏئي، جيئن ته بادشاهه کان شهزادي سروبانو قريب هئي، تنهنڪري نواب اها رٿ ڪئي ته ان ڏانهن خط موڪليو وڃي. آخر هڪ آفريد کي حڪم ڪيائين ته هو اهو خط ۽ شهزادي سيف الملوڪ جي پاڻهن هن وٽ پهچائي.

نواب اها گفتگوئي مس ختم ڪئي ته شهزادي سيف‌الملوڪ پاڻ کي آفريد جي ٻانهن ۾ محسوس ڪيو جو ڪيس هوا وانگر جبلن، جهنگن، دريائن ۽ ميدانن مٿان اڏائيندو ڪٺي هليو ويو. انهيءَ گهڙيءَ ۾ آفريد شهزادي سيف الملوڪ کي هيٺ لاهڻ لڳو ۽ شهزادي سروبانو جي محلات جي دروازي وٽ وڃي ويهاريو. پوءِ آفريد، نواب جو خط هڪ دربان جي هٿان شهزاديءَ کي پهچائڻ لاءِ ڏنو، جنهن اهو خط اندر وڃي پهچايو. خط پڙهڻ شرط شهزاديءَ سيف الملوڪ کي اندر گهرايو ۽ سندس پرلطف ۽ عجيب سفر جو بيان ٻڌو. آخر ۾ شهزادي سيف الملوڪ جي رهائش جو محلات اندر انتظام ڪرايو ۽ هن جي لاءِ شاهاڻي نموني دعوتن جو سلسلو شروع ٿيو.

ٻئي ڏينهن صبح جو، شهزادو سيف الملوڪ ٿورو پرڀرو هڪ ٿڌي پاڻيءَ جي تلاءَ ۾ غسل ڪرڻ ويو، انهيءَ پاڻيءَ ۾ گلاب جي خوشبوءِ هئي. غسل ڪرڻ کان پوءِ، شهزادي ٻاهر نڪري ڪپڙا پهريا ۽ ڪناري تي بيٺل وڻ جي ٿڌي ڇانوَ هيٺ ليٽي پيو. آتي هن کي ننڊ اچي ويئي. شهزادو اڃا ننڊ ۾ ئي هو ته مٿان هڪڙو ديُو اڏندو آيو ۽ هن کي ڇنبن ۾ کڻي پنهنجي ولايت ڏانهن روانو ٿيو. شهزادي کي ديون جي بادشاهه وٽ آندو ويو، جنهن کي ٻڌايو ويو ته هيءُ اهو ماڻهو آهي، جنهن شهزادي ملڪان کي قبضي ۾ رکندڙ ڏيو کي ماريو هو. هيءَ خبر ٻڌي، ديون جي بادشاهه کي ڏاڍو غصو آيو ۽ حڪم ڪيائين ته شهزادي کي زنجيرن ۾ جڪڙي اونهي غار ۾ رکيو وڃي. هوڏانهن شهزادي سرو بانو، شهزادي سيف الملوڪ جو انتظار ڪندي رهي، ليڪن جڏهن هو ڪافي دير تائين به نه موٽيو، تڏهن ان جي تلاش ۾ آفريد سوڪليائين، جنهن پوري ڪائنات ۾ شهزادي جي تلاش ڪئي ۽ آخر شهزادي جي ديون جي قبضي ۾ اچڻ جي حقيقت شهزاديءَ کي ڏني.

ان کان پوءِ، شهزادي سرو بانو، آفريد کي حڪم ڪيو ته مون کي اڏائي پرين جي بادشاهه شهوال وٽ پهچاءِ. چوڻ جي دير هئي، گهڙيءَ ۾ شهزادي، بادشاهه شهوال جي درٻار ۾ اچي لٿي ۽ شهزادي سيف الملوڪ جي سفر جو احوال، سندس ڏيئي ملڪان کي آزاد ڪرائڻ جو بيان، بديع الجمال تي عاشق ٿيڻ جي حقيقت ۽ سندس باغ مان شهزادي کي ديو جي کڻي وڃڻ جو قصو سربستو ڪري ٻڌايو.

بادشاهه شهوال، ديون سان جنگ ڪانه ٿي ڪرڻ گهري، ڇوته ديون ۽ پرين جا تعلقات دوستانه هئا ۽ سندن درميان ڪابه دشمني ڪانه هئي ۽ وڏي ڳالهه اها هئي ته بادشاهه سيف الملوڪ کي ڏٺو به ڪونه هو، رڳو ان متعلق ڳالهيون

ڀڄي ويون هئائين. ليڪن بادشاهه جي ان روش تي شهزادي سيرو بانوءَ کي ڏاڍي چڙ آئي، جنهن گهڻوئي بادشاهه کي جوش ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪو فائدو ڪونه ٿيو. ان ڪان پوءِ، شهزاديءَ آفريد کي حڪم ڪيو ته تون شهزادي بديع الجمال کي آڏائي هتي ڪٺي اچ. شهزاديءَ جي اچڻ تي سيرو بانو ۽ بديع الجمال ٻنهي گڏجي، بادشاهه کي قدم کڻڻ لاءِ منٿون ڪيون.

پهريائين ته بادشاهه شهوال ٻنهي جي منٿن کي ٺڪرائي ڇڏيو، پر بعد ۾ جڏهن ڏٺائين ته سندس ڌيءَ بديع الجمال جو کاڌو پيتو حرام آهي ۽ هوءَ شهزادي سيف الملوڪ جي جدائي برداشت نه ٿي ڪري سگهي، تڏهن مجبوراً ديون جي خلاف پرين جو لشڪر تيار ڪيائين. پريون تمام تيزيءَ سان، ديون جي ملڪ ۾ داخل ٿيون ۽ اهڙو ته اوچتو حملو ڪيائون جو ديو ڪوبه مقابلو ڪري نه سگهيا، ۽ هڪدم ديون جي بادشاهه کي گرفتار ڪري بادشاهه شهوال جي حضور ۾ آندو ويو.

جڏهن ديون جي بادشاهه کي قيد ڪري، شهوال بادشاهه جي اڳيان آندو ويو، تڏهن شهوال بادشاهه، ديو کي سيف الملوڪ متعلق معلومات ڏيڻ لاءِ چيو، جنهن کان هن بلڪل نابري واري، پر پوءِ جڏهن بادشاهه شهوال جوش ۾ ديو جي سر ڪپڻ جو حڪم ڏنو، تڏهن ديو، شهوال کي ان قيدخاني ڏانهن وٺي هليو جنهن جي هڪ غار ۾، سيف الملوڪ کي چار مهينا بند ۾ گذري چڪا هئا.

چوٽي آهي ته ڏکن ٻنيان سک آهن، تنهن جيان هاڻ سيف الملوڪ جي سکن جا ڏينهن اچي چڪا هئا. آخر سيف الملوڪ کي صحيح سلامت انهيءَ غار مان ڪڍي پرين جي ملڪ ۾ آندو ويو، ان خوشيءَ ۾ ڪيترائي ڏينهن شادمان

ٿيندا رهيا ۽ رنگين محفلون ٿينديون رهيون. ان کان پوءِ ٻن جي ٻادشاهه شهوال، شهزادي سيف الموڪ کي بديع الجمال سان پرڻايو. ڪجهه ڏينهن خوشين ۾ رهڻ کان پوءِ شهزادي سيف الملوڪ بادشاهه کي عرض ڪيو ته: ”گهڻو عرصو گذريو آهي جو آءٌ پنهنجي وطن ۽ والدين کان وڇڙيل رهيو آهيان، منهنجو پيءُ مصر ولايت جو بادشاهه آهي، مون کي اجازت ڏيو ته مان بديع الجمال کي پاڻ سان وٺي مصر وڃان.“ بادشاهه شهوال هن کي اجازت ڏني ۽ شهزاديءَ کي گهڻو خزانو ڏيئي، آفريد کي حڪم ڪيائين ته هنن کي سلامتيءَ سان آڏائي مصر ملڪ ۾ ڇڏي اچ.

شهوال بادشاهه کان موڪلائي، شهزادو سيف الملوڪ ۽ پري بديع الجمال، آفريد تي چڙهي ويٺا جو هنن کي هوا ۾ کڻي اڏريو ۽ مصر ملڪ طرف هلڻ لڳو، رستي ۾ شهزادي سيف الملوڪ کي شهزادي ملڪان سان ملاقات ڪرڻ جي خواهش ٿي. آفريد گهڙيءَ پلڪ ۾ ٻنهي کي ملڪان جي باغ ۾ آڻي لاٿو، سيئي هڪٻئي سان مليا ۽ شهزادي سيف الملوڪ جي خوشيءَ جي حد نه رهي، جڏهن کيس معلوم ٿيو ته صياد ۽ شهزادي ملڪان هڪٻئي سان پيار جي رشتي ۾ جڪڙجي چڪا آهن ۽ شادي فقط ان ڪري روڪيل هئي، جو سيف الملوڪ جي غيرموجودگيءَ ۾ سندس پراڻي ساٿي صياد، شادي ڪرڻ پسند ڪانه ٿي ڪئي. بس، پوءِ ته هنن جي اچڻ سان ٻنهي جي شادي ٻنان ڪنهن دير جي ڪرائي ويئي.

شادي جي خوشين کان پوءِ، ٻنهي جوڙن پنهنجو پاڻ آفريد جي حوالي ڪيو، جو ڇئني کي ساڳيءَ سولائيءَ سان مصر ملڪ ڏانهن کڻي اڏريو. جڏهن هي سيئي سلامت مصر ڏيهه ۾ لٿا، تڏهن معلوم ٿين ته سندن والدين پنهنجن پٽن کي مئل سمجهي، آسرو لاهي ويٺا آهن. پر پوءِ جڏهن هنن

جي آمد جو بادشاهه هاشم ۽ وزير صالح کي پتو پيو، تڏهن بيحد خوشي ٿين. نهايت وڏي پيماني تي هنن جو خيرمقدم ڪيو ويو، سمورو گڏ ڪيل خزانو غريبن ۽ محتاجن ۾ ورهايو ويو ۽ هڪ سال جون ڍلون پڻ معاف ڪيون ويون. ان کان پوءِ شهزادو ۽ سندس وفادار ساٿي، پنهنجي ڪنوارين سان حياتيءَ جا باقي ڏينهن عيش، خوشي ۽ آرام سان گذاريا.

---



سهڻي

## ١٢ــ سهڻي ۽ ميهوال

ڪنهن زماني ۾، چناب درياءَ جي ڪناري تي، گجرات شهر ۾ تلو نالي هڪ مشهور ڪنڀار رهندو هو جو ٺانوَن ٺاهڻ ۾ بي مثال ڪاريگر هو ۽ پنهنجي ڏنڌي مان گهڻي دولت ڪمائي هئائين. هن کي پڇاڙيءَ ۾ هڪ نياڻي ڄائي، جا نهايت سهڻي ۽ سلڇڻي نينگري هئي. ڇوڪريءَ جي سونهن سوڀيا ننڍي کان ئي اهڙي ته نمايان هئي جو پڻس مٽس نالو ئي سهڻي رکيو هو.

انهن ساڳين ڏينهن ۾، بخارا شهر ۾ مرزا نالي هڪڙو دولتمند سوداگر رهندو هو جو پٽ جي اولاد نه هئڻ سبب ڏاڍو غمگين گذاريندو هو. هڪ ڏينهن کيس ڪنهن فقير متعلق معلوم ٿيو ته هو ڏٺيءَ جو اهڙو پيارو آهي جو بي اولادن کي اولاد ڏئي ٿو. اها خبر ٻڌي، هيءُ سوداگر ٻه هڪلي وڃي ان فقير وٽ پهتو ۽ کيس ٻاڏائڻ لڳو ته: اي سائينءَ جا سنواريا! منهنجي هيءَ هيتري گڏ ڪيل دولت ڪهڙي ڪم جي ٿيندي، جيڪڏهن مان بي اولاد مري ويندس.”

سوداگر وڏيءَ عمر جو ماڻهو هو، تنهنڪري سندس ٻاڏائڻ تي فقير کي رحم اچي ويو، ۽ هن اها خوشخبري ڏنس ته: ”تنهنجي آرزو قبول ٿي وئي، توکي هڪ پٽ عطا ٿيندو، پر انهيءَ خطري کان ضرور خبردار رهجان، جڏهن تنهنجو پٽ ڪنهن جي عشق ۾ مبتلا ٿيندو، ۽ توکان الڳ ٿي ويندو.”

پٽ ڄمڻ جي خوشخبري ٻڌي، سوداگر ايترو ته خوش ٿيو جو فقير جي چتاءَ جي ڪابه پرواهه ڪانه ڪيائين. هو بيحد خوشيءَ ۾ گهر موٽي آيو. الله جي قدرت اهڙي جو ٿورن ڏينهن ۾ سندس پيرسن زال کي پيٽ ٿيو ۽ پوري

وقت تي ڪيس هڪ سهڻو پٽ ڄائو. چون ٿا ته سوداگر کي ٻه انهيءَ ڏينهن پٽ ڄائو، جنهن ڏينهن تي تلو ڪنڀر کي سهڻيءَ نالي بيحد حسين نينگري ڄائي هئي.

هن سوداگر پنهنجي پٽ جو نالو عزت بيگ رکيو. ڇوڪري جو ننڍپڻ کان وٺي راڳ ۽ شڪار طرف گهڻو لاڙو هوندو هو ۽ جوانيءَ جي عمر تائين هڪ بي مثال گوَيو ۽ نالي وارو شڪاري ٿي پيو. هڪ ڏينهن هنن جي شهر ۾ هڪ هندوستاني مسافر آيو، جنهن پنهنجي ملڪ ۽ دهليءَ جي شهر جي خوشحاليءَ ۽ مغل بادشاهه، شاهه جهان جي انصاف جي ڏاڍي تعريف پئي ڪئي. عزت بيگ هن جي ڳالهين کان متاثر ٿي، دهلي ڏسڻ جو پڪو پهه ڪيو ۽ ان لاءِ پيءُ کان اجازت گهر يائين، ليڪن پيءُ پٽ کي موڪل ڪانه ڏني.

عزت بيگ کي دهلي ۽ مغل بادشاهه ڏسڻ جو ايڏو شوق وڌي ويو، جو هن کائڻ پيئڻ ۽ ننڊ ڪرڻ ڇڏي ڏني. ظاهر آهي ته پٽ جي اهڙيءَ دکدائڪ حالت ۾ ان ماڻهوءَ جو ڪهڙو حال ٿيندو، جنهن کي سالن کان سڪي سڪي هڪ پٽ ڄائو هجي. عزت بيگ جي هيءَ حالت سندس پيءُ کان ڏٺي ڪانه ٿي ۽ ڇوڪري جي مري وڃڻ جي خوف سببان لاچار ڪيس هندستان جي سفر جي اجازت ڏنائين.

پيءُ جي اجازت سان عزت بيگ پاڻ سان ڪيترا ئي نوڪر ۽ ناڻو کڻي دهليءَ جي شهر ۾ پهتو. آتي دربانن کي چڱيون خاصيون سوکڙيون ڏنائين، جن مغل بادشاهه، شاهجهان سان ملاقات ڪرڻ جو شرف ڏياريس. ٿوري ئي عرصي ۾، عزت بيگ جي دل دهليءَ مان ڀائنجي وئي ۽ موٽڻ جي تياري ڪيائين. هو جنهن وقت پنجاب مان لنگهي رهيو هو، ان وقت گجرات جي تلو ڪنڀر جي مشهوري به چوٽ تي پهچي چڪي هئي. عزت بيگ خيال ڪيو ته اهڙي مشهور ڪنڀر جا ٿانوَ چونڊ پنهنجي پيءُ لاءِ سوکڙيءَ طور خريد

ڪري ڪٽي وجي. سو ان ارادي سان گجرات شهر ۾ اچي لٿو. اتان هڪ ڪنڀر ڪان ٿانون خريدڻ لاءِ پنهنجو هڪ نوڪر موڪليائين، جنهن موٽي اچي عزت بيگ کي ٻڌايو ته: "سائين، هن ڪنڀر جي ٿانون جي خوبصورتي سندس ڌيءَ جي خوبصورتي جي ڀيٽ ۾ ڪجهه به نه آهي. سبحان الله! اهڙي من موهڻي صورت واري ڇوڪري، مون ساري ڄمار ڪٿي به نه ڏٺي ۽ ٻڌي آهي. سچ پڇ اهڙي بي مثال سونهن لاءِ توهان ئي مستحق آهيو."

نوڪر ڪان نينگريءَ جي سونهن جي واکاڻ ٻڌي، عزت بيگ حيرت ۾ پئجي ويو ۽ انهيءَ دم نوڪر ساڻ ڪري، ڪنڀر جي دڪان تي چڙهي آيو. ڏسڻ سان عزت بيگ پنهنجي دل وڃائي ويٺو ۽ ان ڇوڪريءَ کي زياده دير تائين ڏسڻ جي مقصد سان، ٿانون جو عذر ڪندو رهيو ۽ سڀ ٿانوَ ڏسندو رهيو. جڏهن ڇوڪري ڪيس سڀ ٿانوَ ڏيکاري چڪي ۽ هين هڪ ٿانو به خريد نه ڪيو، تڏهن سهڻيءَ ڪيس چيو ته: "جيڪڏهن توهان کي ٿانوَ خريد ڪرڻا آهن، ته آءٌ اوهان کي سڀئي ٿانوَ ڏيکاري چڪي آهيان، ۽ جيڪڏهن توهان کي مورڳو ٿانوَ وٺڻا ئي نه آهن ته پوءِ مهرباني ڪري مون کي ڇڏيو، ڇو ته مون کي ٻيو گهر جو ڪم به ڪرڻو آهي."

سهڻيءَ کي راضي ڪرڻ لاءِ، عزت بيگ ڪنڀر جا سڀ اوچا ۽ مهانگا ٿانوَ خريد ڪري پاڻ سان کڻي آيو. ان وچ ۾ سوداگر جي پٽ سوچيو ته آءٌ سهڻيءَ جي محبت ۾ بُريءَ طرح گرفتار ٿي چڪو آهيان ۽ منهنجي زنده رهڻ لاءِ سواءِ ان ڳالهه جي ٻيو ڪو چارو ڪونهي ته آءٌ گجرات شهر ۾ ئي رهي پوان. پوءِ سهڻيءَ کي روزانو ڏسڻ لاءِ هن ٿانوَن جي واپار کي ڪٽي هڪ بهانو ٺاهيو. شهر ۾ هڪ دڪان ورتائين ۽ ٿانوَن وڪڻڻ جو ڌنڌو اختيار ڪيائين. عشق جو رستو به عجيب آهي، چاڪاڻ ته عشق آيو ته عقل موڪلايو.

هڪڙي ڏينهن جيئن ميهار مينهون چاري رهيو هو، تيئن ڪير لاءِ هن وٽ سهڻي آئي. ڪير ڏهڻ وقت ميهار پنهنجو سچو درد جو داستان سهڻيءَ کي ٻڌايو ۽ پڻس وٽ نوڪر رهڻ جو سبب به بيان ڪيو. ميهار جي هن داستان سهڻيءَ تي ايڏو اثر ڪيو جو هوءَ ان وقت سندس سامهون روئي رهي هئي ۽ آخر ميهار وانگر هن به پنهنجيءَ دل کي محبت جي بيقراريءَ ۾ تڙپندي محسوس ڪيو.

ان کان پوءِ، هر روز سهڻي ڪير جي بهاني سان، ميهار سان ملندي هئي ۽ گهڙي پلڪ هن جي رهاڻ ۾ گهاريندي هئي. چوندا آهن ته ٽتين کي به ڪن آهن، سو هنن ٻنهي بيقرار دلين جي محبت جو راز گهڻو وقت راز نه رهيو ۽ آخر هنن جي محبت جو راز فاش ٿي پيو. شهر جا ماڻهو هڪ ٻئي جي ڪنن ۾ سس پس ڪندا رهيا. آخر تلو ڪنڀر جي ڪن تي به اها ڳالهه وڃي پهتي، جنهن سخت غصي جي باهه ۾ اچي، ميهار کي نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيو ۽ باوجود سهڻيءَ جي آهه و زاريءَ ۽ روج راڙي جي سندس سؤٽ سان زبردستيءَ پرڻائي ڇڏيو. شاديءَ واري رات سهڻي، الله پاڪ جي بارگاهه ۾ زارو زار روئي ٻاڏايو ته منهنجي ميهار سان محبت آهي، تنهن ڪري منهنجي سؤٽ کان منهنجي عزت کي پناهه ۾ رک. قدرت الله جي اهڙي ٿي، جو روزانو رات جو هن نئين گهوٽ کي اهڙي ته ننڊ وٺي ويندي هئي، جو سهڻيءَ جي پنهنجي پاسي ۾ هئڻ جي ڪا سڌ ئي ڪانه رهندي هئي.

جنهن ڏينهن ميهار کي نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو ۽ شهر مان تڙيو ويو، تنهن ڏينهن کان هن چناب درياهه لنگهي، هُن پار وڃي هڪ جهوپڙي ٺاهي ۽ انهيءَ ۾ ئي رهڻ لڳو. ڏينهن جو پنهنجي جهوپڙيءَ مان ڪنڀر جي ڇت ڏسي پيو وقت ڪاٽيندو هو، جنهن ۾ هن جي محبوبه سهڻي رهندي هئي. سهڻيءَ جي وڇوڙي ۾ ميهار ڏينهن ڏکن ۾ راتيون روئيندي ٿي

ڪچو ڍلو پئُري، ميٽيي ٿي پيو ۽ سهڻيءَ جو وسيلو وينڌو رهيو. گهڻي ئي ٻانهون هنيائين، موجن سان مقابلو ڪيائين، پر آخر سندس ٻانهن ست ڇڏي ڏنو ۽ درياءَ کيس پنهنجي پيٽ ۾ کڻي ڇڏيو.

درياءَ جي ٻئي طرف، ميهار، سهڻيءَ جو انتظار ڪندو رهيو ۽ آخر انتظار ڪندي ڪندي پرهه ڦٽي ويئي. ميهار کي يقين هو ته سهڻي درياءَ جي دهشت کان ڊڄڻ واري نه آهي ۽ ان جو نه اچڻ ثابت ٿو ڪري ته شايد کيس ظالم درياءَ ٻوڙي ڇڏيو آهي. اهو ويچاريندي ۽ سهڻيءَ کان سواءِ پنهنجي زندگي زهر سمجهندي، ميهار دانهن ڪري وٺي درياءَ ۾ ٽپو ڏنو ته: ”سهڻي! آءٌ به تو وٽ اچان ٿو.“ ان کان پوءِ ميهار کي وري ڪنهن به ڪونه ڏٺو.

لالو بادشاهه، شهزاديءَ کان پڇيو ته: ”شهزاديءَ جي انهيءَ شرط تي هلي سگهندين؟“ شهزاديءَ جواب ڏنو ته: ”مان ڇا ڪريان، وزير ته اڳ ئي اهو قبول ڪري آيو آهي.“

ان کان پوءِ لالو بادشاهه وڏيون تياريون ڪيون ۽ پنهنجي پٽ کي وڏي شان شوڪت سان گلستان جي ملڪ ۾ موڪليائين، جتي هن جو ڏاڏو آدرياءُ ٿيو ۽ حسيني سان هن جي شادي ڪرائي وئي. ڪجهه ڏينهن خوشيون ۽ جشن جاري رهيا ۽ انهيءَ کان پوءِ شهزاديءَ کي پنهنجي پيءُ جي ملڪ ۾ وٺي آيو، جتي اڳ ۾ ڪيل وعدي مطابق ڌار ڌار محلات ۾ رهڻ لڳا ۽ جڏهن شهزادي ۽ شهزاديءَ کي پاڻ ۾ ڪا ڳالهه ٻولهه ڪرڻي هوندي هئي ته ٻانهيءَ جي معرفت ڪندا هئا، جا هنن جا نياپا هڪڙي محلات کان ٻئي محلات تائين ڪٺي ويندي هئي.

هڪ ڏينهن شهزادو امل ماڻڪ شڪار تي نڪتو ۽ هن سان گڏ پيا سوار ڪافي اڳتي نڪري ويا ۽ هڪڙي نيري ڏکي کي نيزي جو نشانو ڪيائون، ۽ جڏهن شهزادو شڪار ڪري گهر ڏانهن موٽيو ٿي ته رستي تي پنهنجي ماڻهن سان ڳالهيون ٻولهيون ڪندو ٿي آيو ته هن کي هڪ فقير گڏيو جنهن هن کي چيو: ”شهزادا سائين! مون کي توسان هڪ ڳالهه ڪرڻي آهي.“ شهزادو، فقير کي هڪ گهوڙي تي چاڙهي پنهنجي محلات ۾ وٺي آيو. اتي پهچڻ کان پوءِ هن کان پڇيائين ته: ”اي بزرگ سائين! توهان کي مون سان ڪهڙي ڳالهه ڪرڻي آهي.“

فقير جواب ڏنس ته: ”شهزادي حسيني، جنهن سان تنهنجي شادي ڪئي آهي، اها هڪڙي ديوَ سان عشق ۾ ڦاٿل آهي، جنهن جو نالو سفيد ديوُ آهي، جو ستن سمنڊن جي پار هڪڙي باغيچي ۾ رهندو آهي، انهيءَ باغيچي کي بستي باغيچو چوندا آهن، هر وسپت جي ڏينهن شهزادي حسيني پري جي وڻ ۾

شهزادو گهوڙي تان لٿو. گهوڙي کي وڻ سان ٻڌي، ڏاڪا چڙهيو. هڪ شينهن سندس اڳ ۾ هو ۽ هڪ پٺيان. جڏهن شهزادو محلات جي دَر مان اندر گهڙيو ته هڪ سهڻي ڇوڪري، شهزادي جي لباس ۾ اندرئين ڪمري ۾ ڏٺائين. شهزاديءَ اٿي يڪدم دروازو بند ڪيو. ”در کول.“ شهزادي وڏي آواز ۾ کيس چيو. مگر ڇوڪريءَ جواب ڏنو ته: ”هتان ڀڄي وڃ، جيڪڏهن پنهنجيءَ جان جو خير گهرندو هجين. ديو هاڻي هتي پهچڻ وارو آهي.“ شينهن رڙ ڪري ڌمڪي ڏنيس ته: ”جيڪڏهن تو دروازو نه کوليو ته اسين ان کي ڀڃي، تختو تختي کان جدا ڪري ڇڏينداسون.“ پوءِ شهزاديءَ جواب ڏنو: ”چڱو ڀلا!“ ائين چئي هن دَرُ کوليو ۽ اندرئين ڪمري مان نڪري، ٻاهر ورانڊي ۾ هڪ ڪوچ تي ٿي ويٺي. شهزادو سندس ڀَر ۾ ٿي ويٺو. ڇوڪريءَ پڇيس ته: ”اي جوان، توکي ڇا گهرجي؟“ شهزادي جواب ڏنو تہ: ”مان شهزادي حسينيءَ کي ڳولي رهيو آهيان. هوءَ منهنجي زال آهي ۽ مون وٽان ڀڄي، سفيد ديوَ وٽ، هن جي ملڪ ۾ وڃي لڪي آهي.“ ڇوڪريءَ ٻڌايس ته: ”ادي حسيني ته منهنجي ڀيڻ آهي.“ پوءِ دوربيني هن جي هٿ ۾ ڏني، چيائين ته: ”هو ڍنڍ جي ڪناري تي ٻهر جو وڻ توکي ڏسڻ ۾ اچي ٿو؟ اڄ خميس جي رات آهي، حسيني سڀاڻي صبح جو پنهنجي ٻانهين سان گڏجي ايندي ۽ هو انهيءَ ڍنڍ ۾ ڪپڙا لاهي ترڻ ڪنديون. جنهن مهل هو پاڻيءَ ۾ اندر گهڙنديون، ان وقت تون حسينيءَ جا ڪپڙا کڻي وٺجِ، پوءِ هوءَ تنهنجي رحم ۽ ڪرم جي محتاج ٿي پوندي.“

ائين چئي ڇوڪريءَ، شهزادي کي موڪل ڏني. پٺيءَ شينهن ۽ شهزادو گڏجي ڍنڍ جي ڪپ تي، ٻهر جي وڻ هيٺان وڃي ويٺا، جتي شينهن، شهزادي کي آرام ڪرڻ لاءِ

پرين هڪ قطار ۾ بيهاريندو ۽ سڀئي هوبهو سون جهڙيون هونديون. توهان کي چوندو ته مون کي ڳولي هٿ ڪر. انهيءَ مهل آءٌ بولو پاتل هوندس ۽ پوءِ اوهان مون کي آسانيءَ سان سڃاڻي وٺندا.

شهزادي، حسينيءَ جي صلاح تي عمل ڪرڻ جو وعدو ڪيو ۽ هن کي ڪوڙا موتائي ڏنائين جا پائي اڏامي هلي ويئي.

ٻيءَ خميس تي شهزادي، حسينيءَ جي صلاح مطابق عمل ڪيو. هن اهو بولو هڪڙيءَ پريءَ جي ڳچيءَ ۾ وجهي ڇڏيو ۽ حسينيءَ اهو ڏسي، هڪ ٻانهيءَ کي شهزادي کي وٺڻ لاءِ موڪليو. ٻانهي اتي اچي پهتي، جتي شهزادو لڪو ويٺو هو ۽ واڪو ڪري چيائينس، "جلدي ڪري هل اتي شادي ٿي ٿئي." شهزادو ٻانهيءَ سان گڏجي وڃ باغيچي ۾ اچي پهتو ۽ بلند آواز سان پڪاري چيائين ته: "سفيد ديو منهنجي حق ٻڌيءَ زال سان شادي ٿو ڪري." ديو شهزادي جا اهي لفظ ٻڌي اکيٽي وڏي آيو ۽ اچي چيائين ته: "جيڪڏهن ائين آهي ته تون پنهنجيءَ زال کي سڃاڻي سگهندين؟" شهزادي هاڪار ڪئي. تنهن کان پوءِ ديو، هڪ سؤ پرين کي هڪ قطار ۾ بيهاريو، جي سڀ هوبهو هڪ جهڙيون هيون ۽ چئن ڪنڊن تي گهوڙيسوار بيهاري ڇڏيائين ته جيئن شهزادو پڄي نڪري نه وڃي. شهزادي کي چيائين ته: "مان توکي ٽي موقعا ڏيندس ۽ جيڪڏهن تو ان هوندي به ان کي سڃاڻي نه سگهئين ته پوءِ مان توکي پنهنجي قلعي جي ديوارتان لٽڪائي، ڳجهين کان تنهنجو ماس ڪارائي ڇڏيندس."

شهزادو امل ماڻڪ، پرين جي بيٺل قطار ڏانهن نهاريو ۽ هرهڪ کي پيرن کان وٺي مٿي تائين نهاريندو رهيو. سموريون گهڻو ڪري هڪ ٻئي مهانڊي جون هيون، تنهنڪري سڃاڻي نه ٿي سگهيو. پر پوءِ بولي واري ڳالهه ياد پيس ۽ جڏهن

چوڪاري پهريدار سمهي پيا. اڌ رات جو ان ڪوهه مان هڪ ديو، جو ان ۾ اندر رهندو هو، نڪري آيو ۽ ننڊ ۾ ستل شهزاديءَ کي پلنگ تان کڻي ڪوهه ۾ واپس هليو ويو.

صبح جو ننڊ مان اٿڻ کان پوءِ شهزادي امل ماڻڪ کي شهزاديءَ جي غائب ٿيڻ جي ڳالهه پئي. هن غم ۽ خوف جي حالت ۾ چوڪيدارن کان پڇا ڪئي، مگر هو ڪجهه به ٻڌائي نه سگهيا. شهزادي سخت مايوس ٿي، ائين سمجهيو ته شهزادي پنهنجو قول ڪوڙو ڪري، مون کي وري ڇڏي هلي وئي آهي. مگر شينهڻ جي هڪ ٻچي چيو ته: "شهزادا، مٿان شهزادي ڪوهه ۾ لڪي ويٺي هجي، سو توهان اسان ٻنهي کي رسي ٻڌي، ڪوهه ۾ ڇڏيو ته اسين ڏسي اچون."
پهريدارن ٻنهي شينهن کي رسيءَ جي وسيلي، اندر ڪوهه ۾ لاٿو. جڏهن هو تري ۾ پهتا ته ڇا ڏسن ته هڪ وڏو شهر آهي، جو سنڌن اڳيان ميلن ۾ پکڙيو پيو آهي، جنهن جي وچ ۾ هڪ سهڻو باغيچو آهي ۽ انهيءَ جي وچ ۾ هڪ عاليشان محلات آهي. جڏهن انهيءَ محلات ۾ گهڙي نظر ڪيائون ته ڏٺائون ته ديو ڏاڍيءَ ننڊ ۾ ستو پيو آهي ۽ هن جو مٿو حسينيءَ جي هنج ۾ آهي. حسيني شينهڻ جي ٻچن کي ڏسي، ڏاڍو خوش ٿي ۽ هنن کي آهستي چيائين ته "مون کي هن خوفناڪ جاءِ سان يڪدم ڪڍو." شينهڻ جي ٻچن اهڙي ته آهستگيءَ سان ديوَ جو مٿو کنيو ۽ هڪ وهاڻو هن جي مٿي هيٺان رکيو، جو شهزادي اٿي پيرن ڀر ٿي ۽ ديو سُتو ئي رهيو. پوءِ ته شينهن ديو جي مٿان چڙهي، ڪيس چيري ڦاڙي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو.

هو جڏهن باغيچي کان ٻاهر ٿي نڪتا، ته ديوَ جو خوبصورت سامونڊي گهوڙو، سون جي زنجير ۾ ٻڌل هو ۽ ڪُنجي تالي ۾ ئي لڳي پئي هئي. پوءِ گهوڙي کي کولي ورتائون ۽ جڏهن ڪوهه جي تري وٽ رسيا ته گهوڙي کي ٻه

پاڻ سان ٻاهر آندائون، پوءِ شهزادي کي ساري حقيقت اچي ٻڌايائون ۽ مشورو ڏنائون ته پاڻ ۽ سندس درٻان هنن سان گڏ هڪ دفعو وري کوهه ۾ هلي ديوَ جو خزانو کڻي اچن. مگر شهزادي انڪار ڪيو ۽ چيائين ته: ”منهنجي پيءُ جي خزاني ۾ ڪابه کوٽ ناهي. باقي اهو سامونڊي گهوڙو شهزادي پاڻ وٽ جهليو ۽ پاڻ ۽ شهزادي انهيءَ تي سواري ڪندا هئا.

جڏهن سمنڊ جي ڪناري تي پهتا، تڏهن ٻئي سامونڊي گهوڙا شهزادي ۽ شهزاديءَ کي سفيد ديوَ جي سمورين سوغاتن سميت پٺيءَ تي کڻي ست سمنڊ پار ڪري وڃي پيءُ پَٽ لٿا. هو اتي پهچي، ملڪ ڏانهن روانا ٿيا، جڏهن هو ويجها پهتا، تڏهن بادشاهه لالَوءَ کي هنن جي آمد جي خبر ملي، هن شهزادي ۽ شهزادي حسينيءَ جي آدرڀاءَ لاءِ گهوڙيسوارن، دهلائن ۽ شرنائين وڄائيندڙن جو پاڻ سان هڪ قافلو آندو، ۽ کين وڏي شان ۽ مرتبي سان پنهنجي بادشاهيءَ ۾ وٺي آيو، جتي هو ٻيئي هڪ محلات ۾ باقي حياتيءَ جا ڏينهن عيش ۽ مزن ۾ گذاريندا رهيا.

# ۱۴- ڪؤرو ۽ چنيسر

ڪنهن زماني ۾، سنڌ ۾ راءِ ڪنگهار نالي هڪ وڏو اثر وارو راجا رهندو هو. پنهنجي دولت ۽ حشمت هوندي به، هو ساري هندستان ۾ ٻين مڙني راجائن کان زياده ڌرم پرست ۽ رعيت سان سهڻو انصاف ڪندڙ هو. هن کي پٽ اولاد ڪونه هو، رڳو هڪ نياڻي هيس، جنهن کي "ڪؤرو" ڪري سڏيندا هئا. ڇوڪري وڏيءَ سونهن ۽ سوڀيا واري هئي. درٻار جا شاعر هن جي ڏندن کي موتين سان تشبيهه، سيني کي ڏاڙهونءَ سان، ڳچيءَ کي مور جي ڳچيءَ سان ۽ هن جي هلڻ کي ڍيل جي رفتار سان مشابهت ڏيندا هئا. پيءُ ماءُ جي لاڏڪوڏ ۽ ٻين سڀني عزيزن جي پيار سببان هوءَ هر وقت رڳو هار سينگار ۽ اوڇڻ وڳن پهرڻ ۾ مشغول هوندي هئي ۽ ڏينهن ۾ ڏهه ڏهه ڀيرا پنهنجي لباس بدلائيندي هئي. سارو ڏينهن عنبر پيئي مکيندي هئي، اکين ۾ سرمو وجهندي هئي ۽ قيمتي عطرن سان پيئي وهنجندي هئي. مگر انهيءَ کان به وڌيڪ سندس خاص خوشيءَ جو سبب هڪ هار هو، جنهن ۾ شب چراغ جڙيل هئا جي رات جو پنهنجيءَ تڏي روشنيءَ سان ساريءَ محلات کي منور ڪري ڇڏيندا هئا. ڪؤرو جو مڱڻو سندس هڪ نوجوان مائٽ، اتماديءَ سان ٿيل هو، جنهن جي ڀيڻ جمنا سندس هميشه جي ساٿياڻي هئي.

هڪ ڏينهن جمنا، ڪؤروءَ کي سندس آڏاڻي وٽ ويٺل ڏٺو، جو بلڪل پراڻو هو، چوڻ لڳي ته، هي آڏاڻو توکي نه ٿو سونهين. تنهنجي پيءُ جهڙي ماڻهوءَ جي نياڻيءَ کي ته سونو آڏاڻو هجي، جنهن ۾ قيمتي جواهر جڙيل هجن. ڪؤرو جي دل انهيءَ ڳالهه تي ريلو کاڌو ۽ هڪدم ان جي ٺهرائڻ

لاءِ هڪ سونارو گهرايائين جو سڄي شهر ۾ بهترين ڪم ڄاڻندو هو. هن جي هدايت سان، ڏهن ڏينهن اندر انهيءَ سوناري هڪ خوبصورت آڏاڻو، سارو سون ۽ ياقوتن سان جڙيل تيار ڪيو، جو اهڙو چلڪندو هو جهڙو چنڊ. جڏهن آڏاڻو تيار ٿيو، تڏهن ڪؤروءَ پنهنجي سرتين کي دعوت ڏني ته اچي هن جي سڀڻ پرڻ واري ڪوٺيءَ ۾ سندس سوني آڏاڻي کي ڏسن. پوءِ سڀني سرتين سندس قيمتي آڏاڻي جي بي انتها تعريف ڪئي ۽ ساراهيو ۽ انهيءَ کان پوءِ پنهنجي آڏاڻن تي ويهي ڪم ڪرڻ لڳيون. پر ڪؤروءَ کي سندس نئين رانديڪي جي خوشيءَ بيقرار ڪري رکيو هو. هوءَ رڳو پئي پنهنجي گهر جي اڱڻ ۾ خوشيءَ وچان ڪڏندي ۽ ٽپندي هئي يا ته وري سارو ڏينهن آرسيءَ ۾ پنهنجي سونهن کي ڏسيو پئي ساراهيندي هئي. ساهيڙين هن کي سندس چلولائيءَ تي پئي چيڙايو، مگر هن انهن جي ڪابه پرواهه ڪانه ٿي ڪئي. آخر ڪمري ۾ نچندي، ٽپندي جمنا جي آڏاڻي کي ڪيرائي پڇي وڌائين. جمنا کان صبر ڇڏائجي ويو ۽ هڪدم ڪاوڙ مان رڙ ڪري چيائين ته: ”تون منهنجي غريب پيءُ اماديءَ جي وس جي نه آهين. توکي جڳائي ته وڃي چنيسر کي مڙس ڪر.“

چنيسر ديول ڪوٽ جو شهزادو هو ۽ ساري راجپوت قوم جو وڏو سردار هو. ڪؤروءَ کي جمنا جي طعني ڏنگي وڌو، سو ڪمري مان ڊوڙي، اکين مان ڳوڙها ڳاڙيندي، پنهنجي ماءُ مارڪيءَ کي وڃي جمنا جي ڳالهه ٻڌايائين ۽ چيائينس ته: ”مان انهيءَ ڏاڻ جي پيءُ اماديءَ سان هرگز شادي نه ڪنديس ۽ چنيسر سان شادي ڪري ڪيس جلائينديس.“

پهريائين ته راڻي مارڪي ڌيءَ کي ريجهائڻ جي ڪوشش ڪئي، مگر آخرڪار هوءَ سندس مڱڻو اماديءَ سان ٽوڙڻ تي راضي ٿي ۽ چنيسر سان پرڻائڻ جي فڪر ۾ پئجي ويئي.

منهنجي نوڪرياڻي ڪؤنرو توهان جي محبت ۾ ماندي آهي، سو ڪرم ڪري هن جي گهر وڃو ۽ فقط اڄوڪي رات هن کي وڃي خوش ڪريو. چنيسر جيتوڻيڪ نشي ۾ هو، تڏهن به ڳالهه ٻڌڻ سان هڪدم انڪار ڪيائين، پر پوءِ جيئن مٿس مدهوشي وڌندي تي ويئي ۽ هو وڌيڪ قلبو پئي، تڏهن ليلان جي پانهيءَ گهوڙي جو لغام هٿ ۾ ڪري، گهوڙي کي واڳ کان وٺي ڪؤنرو جي در تي وڃي پهتي. چنيسر بلڪل بي خبر هو ته پاڻهي ساڻس ڇا پئي ڪري. ڪؤنرو هڪدم راجا کي ڪيڪاري، هٿ هٿ ۾ ڏيئي، پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ وٺي ويئي، جتي برهمڻ تڙتڪڙ ۾ هنن جي ويڙي ڙهي ورتي. تنهن کان پوءِ، هوءَ چنيسر کي هنج ۾ ڪري چوڻ لڳي ته آءٌ توسان ڪيڏو نه پيار ٿي ڪريان. مگر چنيسر شراب جي نشي جي ڪري پاڻ کي پلنگ تي ڪٽي اڇليو ۽ ديوار ڏي منهن ڪري، الوٽ ننڊ ۾ سمهي پيو. ڪؤنرو ڪلاڪ کن جتن ڪيا ته جيئن ڪيس سجاڳ ڪري، مگر آخرڪار نااميد ٿي ماءُ جي ڪمري ۾ ويئي ۽ اوچنگارن ۾ اچي چئنڪي. چي، "امان، مان ڇا ڪريان؟ چنيسر مون ڏانهن نڪي نهاري ٿو، نڪي وري ڳالهائي ٿو. مون ڏانهن پٺ ورائي ڇڏي اٿس ۽ منهنجي هزار مٿن هٺ جي، هو جاڳي ئي نٿو." ماڻس جواب ڏنس ته: "توکي ضرور جاڳائڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته هن کي ليلان کان هار جي عيوض خريد ڪيو اٿيئي."

انهيءَ مهل جيئن ڪؤنرو ڪمرو ڇڏي ٻاهر نڪتي ته چنيسر جاڳي پيو ۽ ڪؤنرو ۽ ماڻس جي گفتگو ٻڌي ورتي. سمجهيائين ته ليلان مون کي هار جي عيوض ڪؤنروءَ کي وڪڻي ڏنو آهي. انهيءَ ڳالهه کي ويچاريندي، هن جي سيني مان غيرت جي باهه ڀڙڪي آئي. هڪدم ڪؤنرو کي سڏايائين ۽ کانئس سچي حقيقت معلوم ڪري، پڪو پهه ڪيائين ته ڪؤنرو کي ليلان جي عيوض پنهنجي راڻي ڪندس.

پئي ڏينهن هڪ عاليشان دعوت، پنهنجي نئين ڪنوارجي اعزاز ۾ ڏنائين. اهو سڄو ڏينهن ليلان، راجا لاءِ واجهايو، مگر بي سود. آخرڪار پانهيءَ کي سڏڻ لاءِ موڪليائين، پر راجا پانهيءَ کي چيو ته وڃي پنهنجي سائڻ کي چئو ته: ”مان هاڻي تنهنجو پتار نه آهيان، ۽ هاڻي اهو هار سندس گهوٽ آهي، جنهن تي مون کي وڪيو اٿس.“

جڏهن ليلان کي اهو نياپو مليو، تڏهن هڪدم وٺي محلات ڏانهن ڊوڙي. مگر دربان کي حڪم مليل هو ته ليلان کي ڪنهن به صورت ۾ اندر گهڙڻ نه ڏئي. انهيءَ ڪري در تان نااميد ٿي هلي وئي ۽ پوءِ هڪ دريءَ مان، جيڪا راجا جي خاص ڪمري ۾ هئي، ليو پائي ڏٺائين. چا ڏسي ته چنيسر ۽ ڪؤرو پاڻ ۾ عشق بازي پيا ڪن ۽ انهيءَ منظر هن کي ايترو ته گهائي وڌو جو آخر هوءَ بيهوش ٿي وئي ۽ جڏهن هوش ۾ آئي، ته پاڻ کي ڪٽائي گهر ڏي آئي ۽ پوءِ متي ۾ ڏوڙ وسائيندي، سينو پٽيندي، سڏڪا ڀريندي، روڄ راڙو شروع ڪري ڏنائين. پاڙي جون سموريون زالون ڊوڙي وٽس آيون، مگر جڏهن هنن ٻڌو ته هن پنهنجي مڙس کي هار تي وڪيو آهي، تڏهن سڀني مٿس ملامت ۽ ٺٺولي ڪئي ۽ گهر مان نڪري ٻاهر هليون ويون.

آخرڪار ليلان نراس ٿي وري موٽي محلات ڏي وئي ۽ زبردستي دربان وٽان ڌوڪيندي، وڃي ڪؤروءَ وٽ پهتي ۽ هن کي گهٽ وڌ ڳالهايائين ۽ دغابازيءَ جا طعنا ڏنائين. مگر ڪؤروءَ ڌڪار سان فقط ايترو چيس ته، توکي پنهنجي پتيءَ سان محبت هجي ها ته هن کي هرگز ڪين وڪڻين ها. هاڻي ڇو ٿي هار پائي انهيءَ سان پاڻ کي وندرائين ۽ خوش رکين! آخر ليلان کي چيائين ته هڪدم ديول ڪوٽ مان نڪري وڃ، ورنه توتي هڪ آفت اچي ڪڙڪندي.

ليلان آهي لفظ چئي ختم ئي ڪين ڪيا ته ڪيس ڏندڻ پئجي ويا ۽ هوءَ مٿنهن پٽ وڃي ڪري ۽ آتي ئي ساهه ڏنائين. ليلان پنهنجي محبوب کي-جنهن جي ملڻ لاءِ هوءَ ايترو ماندي هئي-ملڻ سان جيڪا خوشي ٿيس، تنهن جو تاب سندس نرمل ۽ ڏکن جو ستايل جسم سهي ڪين سگهيو.

چنيسر هي منظر ڏسي دل شڪستو ٿي پيو ۽ نهايت ئي عاجزيءَ مان هٿ ٻڌي دعا گهريائين ته: "اي مالڪ مهربان! تون مون کي ٻه پاڻ ڏانهن ڪوٺ، چاڪاڻ ته مان هاڻ ليلان کان سواءِ، هڪ دم ٻه جيئرو نٿو سگهان." هن جي ڏٺيءَ در اِها ارداس قبول ٿي ۽ انهيءَ ئي گهڙيءَ، اتي جو اتي بادشاهه پاڻ به هوش حواس وڃائي، بيهوش ٿي، ليلان جي لاش مٿان وڃي ڪريو.

جڪري وزير هيءَ حال ڏسي، هڪدم ڏاگهه تيار ڪرايو ۽ هنن ٻنهي محبت جي متوالن جا لاش، باهه جي ڀيٽ ڪري جلي ڪامي ناس ٿي ويا. ڪوڙوءَ جيتوڻيڪ حياتيءَ ۾ پنهنجي من جي مراد ماڻي، مگر ليلان، محبت جي آخري امتحان ۾، پنهنجو پاڻ سچو ثابت ڪري، پنهنجي محبوب چنيسر سان، هميشه لاءِ ملي، هڪ ٿي ويئي.

